آن لائين
# ڪاوش
# دنيا
آچر 5 اپريل 2026ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya




## ٽرمپ خلاف "NO KINGS" تحريڪ

**هن پرچي جا ليکڪ:**
اختر درگاهي
مرلي ڌر
نصير سومرو
ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي
وسيم سومرو
امر ساهڙ
الهہ بخش راٺوڙ
امام راشدي
محمد اقبال جاکرو
مدهوش مير
اظهر آزاد مغل
خالد ساحل ڪيريو

**سفرنامو:**
عبدالله عثمان مورائي

**شاعري:**
علي دوست عاجز
اظهر منگي
گهايل لغاري، ممتاز علي ٽرواسي
وفا گل محمد جمالي،
جاني جاويد علي،
وفا لغاري، محمد حارف لُنڊ

## ائٽمي جنگ، جيڪا رڳو تباهي آهي

# ٻي عالمي جنگ ڪيئن لڳي هئي؟

محمد اقبال جاڪرو

جيتوڻيڪ ٻي عالمي جنگ جي ڇڙڻ جا پيا بہ ڪيترائي سبب هئا، پر ان جو مکيہ سبب، واقعو ۽ تڪڙو ڪارڻ جرمنيءَ جو پهرين سيپٽمبر 1939ع تي پولينڊ تي ڪيل حملو هئو. البت اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ ان حملي کان اڳ ۾ بہ ڏهاڪن تائين سياسي تڪرار هلندا پي آيا.

ورسلي ٺاهہ (جنهن تي پهرين عالمي جنگ جي پڇاڙيءَ ۾ صحيحون ڪيون ويون هيون) ۾ جرمنيءَ تي ڏاڍيون سخت پابنديون مڙهيون ويون هيون، جنهنڪري جرمنن ۾ تمام گهڻي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ پيدا ٿي پيو هئو. 1920ع واري مالي بحران (ڊپريشن) جي ڪري جرمنيءَ وٽ انهن معاوضن جي ادائگيءَ لاءِ پيسا نہ هئا، جيڪي ٺاهہ ۾ طلب ڪيا ويا هئا. انهي معاملي کي "ٻي عالمي جنگ شروع ٿيڻ جو جوڳو بنياد" چئي سگهجي ٿو.

ڪي ملڪ جرمنيءَ سان همدردي ڪندا هئا، ان سان ڏاڍي نرميءَ سان پيش آيا، ۽ معاهدي جي ٻين واضح خلاف ورزين کي بہ نظرانداز ڪيائون — جيئن آسٽريا سان الحاق. انهن ٻي جنگ شروع ٿيڻ جي پوَ ڪان هٽلر کي پنهنجي فوج وڌائڻ جي اجازت پڻ ڏني، ۽ جڏهن هٽلر چيڪوسلوواڪيا مان اڳوٽي جرمن علائقي کي واپس وٺڻ جي دعويٰ ڪئي، تڏهن ڪجهہ نہ ڪيائون، پر جڏهن کين خبر پئي تہ هٽلر پنهنجي سلطنت کي وڌائڻ لاءِ پولينڊ تي قبضو ڪرڻ بابت سوچي رهيو آهي تہ سندن صبر جي بہ پڄاڻي ٿي وئي. جيئن ئي هٽلر پولينڊ تي حملو ڪيو، برطانيہ ۽ فرانس جرمنيءَ خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو.




ڪي ملڪ جرمنيءَ سان همدردي ڪندا هئا، ان سان ڏاڍي نرميءَ سان پيش آيا، ۽ معاهدي جي ٻين واضح خلاف ورزين کي بہ نظرانداز ڪيائون — جيئن آسٽريا سان الحاق. انهن ٻي عالمي جنگ شروع ٿيڻ جي پوَ ڪان هٽلر کي پنهنجي فوج وڌائڻ جي اجازت پڻ ڏني، ۽ جڏهن هٽلر چيڪوسلوواڪيا مان اڳوٽي جرمن علائقي کي واپس وٺڻ جي دعويٰ ڪئي، تڏهن ڪجهہ نہ ڪيائون، پر جڏهن کين خبر پئي تہ هٽلر پنهنجي سلطنت کي وڌائڻ لاءِ پولينڊ تي قبضو ڪرڻ بابت سوچي رهيو آهي تہ سندن صبر جي بہ پڄاڻي ٿي وئي. جيئن ئي هٽلر پولينڊ تي حملو ڪيو، برطانيا ۽ فرانس جرمنيءَ خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو.


پهرين سيپٽمبر 1939ع تي جرمنيءَ جو پولينڊ تي ڪيل قبضو، جيڪو ٻي عالمي جنگ جو سبب بڻيو.

ان ڳالهہ تي ڪنهن کي بہ حيراني نہ ٿيڻ گهرجي تہ هٽلر پنهنجي جرمن قوم کي پولينڊ تي حملي جي حمايت ڪرڻ لاءِ ڪيئن تيار ڪيو: هٽلر پروپيگنڊا جي صورت ۾ ڏاڍي چالاڪ مارڪيٽنگ ڪئي. اڄ جي دور ۾ عوامي راءِ کي حاصل ڪرڻ جو عمل ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ جو عام حصو آهي، پر اُن وقت (20هين صديءَ جي شروع ۾) اهو نئون ۽ جديد عمل هو. نازين کان وڌيڪ ڪنهن کي هن فن ۾ مهارت نہ حاصل هئي. انهن پروپيگنڊا لاءِ مخصوص آفيسون قائم ڪيون هيون ۽ ان کي هٿيارن جي تحقيق وانگر سائنسي طريقي سان هلايو هئائون.

1939ع ۾ پولينڊ تي حملي کان ڪجهہ مهينا اڳ، هٽلر ۽ جرمن پريس پولينڊ ۾ رهندڙ جرمنن سان "نسلي صفايو" ۽ تشدد جو الزام لڳايو. ايڊولف هٽلر پنهنجي طرفان ڪجهہ ڪوڙا آپريشن پڻ ڪرايا، جن ۾ "گليوٽز واقعو" بہ شامل آهي، جنهن ۾ هن پنهنجن ماڻهن کي پولش يونيفارم استعمال ڪندي ڪانئن جرمن اسٽيشنن تي حملو ڪرايو. ظاهر آهي تہ جرمن عوام کي لڳو تہ جرمنيءَ کي جوابي ڪارروائي ڪرڻ گهرجي ۽ پولينڊ سان جنگ بنا جواز جي نہ جوٽي وئي آهي. ان عمل کي ٻي عالمي جنگ جو جزوي سبب چئي سگهجي ٿو. ■


ٻي عالمي جنگ جا ڪردار_ جرمن چانسلر هٽلر ۽ اٽليءَ جو ڊڪٽيٽر وزيراعظم مسوليني

ٻي عالمي جنگ جا ڪردار هٽلر ۽ مسوليني هئا
هاڻوڪي خطرناڪ جنگ جا ڪردار ٽرمپ ۽ نيتن ياهو آهن



# ائٽمي جنگ، جيڪا رڳو تباهي آهي



اي آءِ جي مدد سان ٺاهيل

مرلي ڌر



اڄڪلهه نيٽ فليڪس تي هڪ سيريل ريڊيو ايڪٽو ايمرجنسي جي نالي سان هلي پئي، جنهن جي ڪهاڻي برازيل جي شهر گئينيا جي هڪ اسپتال جي آهي، جتي هڪ تابڪار مادو سيزيم 137 هڪ مشين مان ڪجهه نوجوان ڪدي هڪ ڪباڙيي کي وڪڻن ٿا ۽ ان مادي جو تابڪاري اثر اتان جي ماڻهن کي جهڙي طرح متاثر ڪري ٿو، ٻن ڏينهن ۾ پورو شهر بيمار ٿي پوي ٿو ۽ ان کي روڪڻ جا جيڪي جتن ڪيا وڃن ٿا، اهو سڀ ڪجهه ڏيکاريو ويو آهي.

اها سيپٽمبر 1987 جي ڳالهه آهي. ان واقعي ۾ 249 ماڻهو متاثر ٿيا، 4 مري ويا ۽ ٻين هڪ لک ماڻهن کي تابڪاري اثرن لاءِ چڪاسيو ويو هو. ان سيريل ۾ ڏيکارين ٿا ته ڪيئن نه عام ماڻهو سخت پريشان آهن. ڪنهن کي ساهه جي تڪليف آهي، ته ڪنهن کي جهٽڪا اچن ٿا. ڪنهن جي چمڙيءَ تي خوفناڪ قسم جا السر ٿي ٿا پون. ڪجهه ماڻهو رت جون الٽيون ڪن ٿا، ته ڪو مصنوعي ساهه واري مشين _ وينٽيليٽر جي مدد سان ساه کڻي. پاڻيءَ جي به متاثر ٿيڻ جو خطرو آهي، ته هڪ شهر مان ٻين شهرن ڏانهن تابڪاري اثر منتقل ٿيڻ جو خطرو وڌڻ لڳي ٿو. اسپتالن ۾ بسترا ڪونهن.

اهو ريڊيو ٿراپيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ مادو هيو، جنهن پوري ملڪ کي ڌوڏي ڇڏيو. اهو ائٽم بم نه هيو، تنهن هوندي به ان ايتري تباهي ڪري ڇڏي. اهو نيري رنگ جو پائوڊر هيو، جنهن ماڻهن کي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو.

ان کان اڳ ۾ هڪڙو واقعو چرنوبل جو به ٿيل آهي، جيڪو اميد ته اسان نه وساريو هوندو. اهو واقعو 26 اپريل 1986 تي تڏهوڪي سوويت يونين جي رياست _ يوڪرين ۾ پيش آيو هو، جنهن ۾ وڏي پيماني تي تابڪاري ٿي ۽ ڪيترا ئي ماڻهو متاثر ٿيا ۽ ڪيترا مئا هئا. صحت جي مک اداري ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن مطابق ان واقعي سبب هڪ لک 16 هزار ماڻهوان علائقي مان ٻين هنڌن ڏانهن منتقل ڪيا ويا هئا، ٻين لفظن ۾ دربدر ٿيا هئا ۽ ٻين 2 لک 30 هزار ماڻهن کي ايندڙ سالن ۾ پنهنجا گهر ڇڏڻا پيا هئا. 2 لک 40 هزار تابڪاري اثرن کي خارج ڪندڙ ڪارڪن متاثر ٿيا هئا. انهن کي تابڪاريءَ جي گهٽي مقدار متاثر ڪيو هو. ان ڪانسواءِ نوجوانن ۾ ٿائرائڊ غدود جو ڪينسر بيلارس ۽ يوڪرين جي متاثر علائقن ۾ ڏٺو ويو. 2006 تائين 5 هزار جوان ان ڪينسر کان متاثر ٿيا هئا. خون جو ڪينسر، تابڪاري اثرن کي ختم ڪندڙ عملي ۾ گهڻو ڏٺو ويو هو. ساڳيوئي 1945 ع ۾ آمريڪا هٿان جپان تي ائٽم بم ڪيرائڻ واري واردات سبب ماڻهن ۾ ڏٺو ويو هو يعني ڪجهه سالن کان پوءِ هيروشيما ۽ ناگاساڪي جي رهائشي عوام ۾ رت جو ڪينسر ڏٺو ويو هو.

**آمريڪا 6 آگسٽ 1945 جي صبح جو 8 لڳي 15 منٽن تي "لٽل بيبي" نالي بم هيروشيما تي ڪيرايو هو، جنهن ۾ 3 لک 20 هزار رهواسي مري ويا ۽ لکين متاثر ٿيا هئا. ان بم منٽن ۾ اڌ شهر مليا ميٽ ڪري ڇڏيو هو. ٻيو بم، جنهن جو آمريڪا نالو "فيٽ مين" رکيو هو، اهو جاپان جي شهر ناگاساڪي تي ڪيرايو ويو هو، جنهن ۾ پڻ لکين ماڻهو مري ويا ۽ زخمي ٿيا هئا. اهو واقعو آمريڪي صدر هينري ٽرومين ۽ سندس صلاحڪارن ڏسي وائسي ڪيو هو. سندن مقصد ٻي عالمي جنگ کان پوءِ جا فائدا وٺڻ هو.**

انگن اکرن مطابق، چرنوبل واقعي ۾ تابڪاري اثرن کي صاف ڪندڙ 134 ماڻهن، جن کي تابڪاريءَ جو مقدار حد کان وڌيڪ مليو، انهن مان 28 ماڻهو مري ويا. ماڻهن جي اکين جون ماڪيون، تابڪاريءَ سبب ڪمزور ٿيون. چرنوبل جي متاثرين ۾ نفسياتي اثر به وڏي پيماني تي ڏٺا ويا. آرمس ڪنٽرول ٽڊي جي جولاءِ آگسٽ 2020 جي شماري ۾ لکيل آهي ته، يورينيم مان ٺاهيل ايٽم بم، جيڪو آمريڪا هيروشيما تي ڪيرايو هو، اهو 3 لک 20 هزار رهواسين تي موت جي راڪاس وانگر ڪڙڪيو هو ۽ ان سان منٽن ۾ اڌ شهر مليا ميٽ ٿي ويو هو. ان بم جو وزن 15 ڪلو ٽن، ٽي اين ٽي جي برابر هيو.

اهو 6 آگسٽ 1945 جي صبح جو 8.15 جو وقت هيو، جو اهو قهر آمريڪا جپان سان ڪيو ويو ۽ ٻيو بم 9 آگسٽ تي 11.2 وڳي جپان جي شهر ناگاساڪي تي ڪيرايو ويو، جنهن ۾ لکين ماڻهو مري ويا ۽ زخمي ٿيا هئا. جپان جا حڪمران، لڳي ٿو ته اهو وساري ويٺا آهن. رسالو لکي ٿو ته، اهو واقعو آمريڪي صدر هينري ٽرومين ۽ سندس صلاحڪارن ڏسي وائسي ڪيو هو. سندن مقصد ٻي عالمي جنگ کان پوءِ جا فائدا وٺڻ هو، نه ته ٻيا طريقا به هيا. ان بمباريءَ ڪيترن سالن تائين سوويت يونين ۽ آمريڪا وچ ۾ ائٽمي ڊوڙ کي برقرار رکيو. ان کان اڳ اهو بم ڪڏهن به استعمال نه ٿيو هيو، جنهن ماڻهن ۾ خوف پيدا ڪيو، ڪين نفسياتي بيمارين ۾ مبتلا ڪيو ۽ ڪينسر جي ورچاڙهيو.

آمريڪا نيوڪليئر بم جي، انساني صحت لاءِ هاڃيڪارڪ اثرن جي ڄاڻ عوام تائين پهچڻ نه ڏني، پر 1956 ۾ بم کان بچيل جپانين چيو ته، اڄو ته نيوڪليئر جنگ خلاف هڪ ٿيون، ڇاڪاڻ ته اها جنگ انسانيت جي وڏي دشمن آهي. ان ائٽمي جنگ جپانين جا سالن تائين نسل متاثر ڪيا. رسالو، ائٽمي هٿيارن جا انگ اکر لکندي ٻڌائي ٿو ته، تقريبن 13400 ائٽمي هٿيارن مان 90 سيڪڙو يعني 12170 روس ۽ آمريڪا وٽ آهن. ايترا هٿيار انهن سيني ڪوشش، جيڪي ائٽمي هٿيارن ۽ ائٽمي جنگ خلاف ٿيون، پوءِ به موجود آهن، جنهن لاءِ هڪ صدر ويجهڙائي ۾ چيو ته، هن وٽ ايترا هٿيار آهن، جو هو سڄي دنيا کي هڪ سئو دفعا ختم ڪري سگهي ٿو. واقعي اهي هٿيار سموري انسانذات کي ختم ڪري سگهن ٿا. هڪ کان وڌيڪ دفعا ختم ڪري سگهن ٿا. روس، آمريڪا، فرانس ۽ انگلينڊ انهن وٽ اهڙا هٿيار موجود آهن، جيڪي هو جڏهن چاهين استعمال ڪري سگهن ٿا.

هيروشيما تي ڪيرايل بم جو نالو "لٽل بيبي" (Little Baby) ۽ ناگاساڪي تي ڪيرايل بم جو نالو فيٽ مين (Fat Man) هيو، جيڪو پلوٽونم جو ٺهيل هيو. اهو 21 ٽن ڳورو هيو. اهڙن موتمار هٿيارن جا اهڙا پيار پريا نالا ڪو سيڊسٽ يعني ايذاءُ رسائي خوش ٿيندڙ ئي رکي سگهي ٿو.

انهن ماڻهو مار هٿيارن تي خرچ ٿيندڙ ڪربين ڊالر جيڪڏهن ماڻهن تي خرچ ڪيا وڃن، ته هوند دنيا خوشحال ٿي پوي، دنيا مان بک ختم ٿي وڃي، ڪروڙين ٻار تعليم حاصل ڪري سگهن، ڪروڙن کي اجها ملي پون، ڪروڙن جو علاج ٿي پوي ۽ ڪينسر جهڙي موذي مرض جي علاج تي خرچ ٿي پوي. اڄڪلهه جا هٿيار اڃا وڌيڪ خطرناڪ آهن. انهن سبب جيڪي ماڻهو مري ويندا، انهن جا پويان روئندا، جيڪي بچي ويندا، اهي پاڻ پوري زندگي روئندا، ڇاڪاڻ جو انهن هٿيارن جا جسم تي ڏاڍا اگرا اثر پوندا. ائٽمي جنگ جا نقصان: موت، معاشي بدحالي ، مال ملڪيت جو نقصان، اجها ڊهي پوڻ، ڪينسر ۽ جسم جو سڙي ڪوئلا ٿيڻ کان وٺي ايندڙ سوين سالن تائين انهن جي تابڪاري مادن جا اثر رهندا، جيڪي خوفناڪ ڏاڍا خوفناڪ آهن. ان وقت وارين ڳورهارين عورتن ٻار لولا لنگڙا ۽ بيمار پيدا ٿيندا.

جنگين ۾ سڀني کان گهڻو متاثر غريب ٿيندو آهي ۽ گهٽ آمدنيءَ وارا ملڪ ٿيندا آهن. ٻارن وٽ جيئڻ لاءِ وڏو وقت هوندو آهي، تنهن ڪري انهن ۾ ڪينسر ٿيڻ جو خطرو به گهڻو هوندو آهي. نوجوانن جا جيو گهرڙا تيزيءَ سان وڌندا آهن، جن ۾ به ڪينسر وڌڻ جو وڏو خطرو هوندو آهي. اهي مادا سنگهي ڪونه ٿا سگهجن، تنهن ڪري غير محسوس طريقي سان اسان اهي ساهه ۾ اندر کڻون ٿا. خبر ئي نه پوندي آهي ته اندر ڇا پيو هلي. جيڪو ماڻهو ريڊيو ايڪٽو يعني تابڪاري مادي جي جيترو ويجهو هوندو، اهو اوترو وڌيڪ متاثر ٿيندو ۽ جيڪو جيتري گهٽي مقدار ۾ ريڊيو ايڪٽو مادي کي جذب ڪندو، اوترو وڌيڪ متاثر ٿيندو. جيڪي ماڻهو انهن اثرن کان بچندا، انهن کي متاثرين متاثر ڪندا.

ڇوڻ جو مقصد اهو آهي ته ڪو به خوش نه ٿئي. سڀني کي ملندو ان جي حصي جو تابڪاري مادو. ڪجهه ڏينهن اڳ پروفيسر ٿيئوڊورو پوسٽل جو انٽرويو ٻڌم، جيڪو سائنس ٽيڪنالاجي جو پروفيسر آهي. آمريڪا جي ايم آءِ ٽي جهڙي نالي واري يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندو آهي. هو پاڻ نيوڪليئر هٿيارن جو ماهر ۽ انهن جي استعمال جو ڄاڻو آهي. پاڻ پينٽاگون جو صلاحڪار به رهيو آهي. ان پروفيسر گلين ڊيزن کي ڏنل انٽرويو ۾ چيو ته، "ائٽمي جنگ تباهي آڻيندي. روڊن تي لاش ملندا. سڙيل ڪارا جسم ملندا. پلي اوهان ڪنهن بنڪر ۾ هجو، تابڪار مادي جي گرمي اوستائين پهچي اوهان کي ساڙي ڇڏيندي. ماڻهو اتان ڀڄي نڪري نه سگهندا. تابڪاريءَ جي گرمي ماري ڇڏيندي." ان تفصيل سان ائٽم بم جي ترتيب ٻڌائي ته اهو ڪيئن ڪم ڪري ٿو ۽ هن ان جي تباهي جي باري ۾ به ٻڌايو.

ان آخر ۾ اسرائيلي فوج کي صلاح ڏني ته، جيڪڏهن نيتن ياهو اوهان کي حڪم به ڏئي، ته به ائٽمي هٿيار استعمال نه ڪجو. اهي هٿيار اسان سڀني کي ساڙي رک ڪندا. جيڪي بچندا، اهي تڙپندا. ان جو ڇوڻ هيو ته، ايران کي گهٽ نه سمجهو. ان وٽ به تياري آهي. هو پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهه به ڪندو. پوءِ ڪو به نه بچندو. ائٽمي جنگ خطرناڪ آهي. ■

# ٽرمپ خلاف
# ”نو ڪنگز تحريڪ“ ۾ لکين ماڻهو شريڪ

الهه بخش راٺوڙ

ايران تي آمريڪي ۽ اسرائيلي بمن جي برسات جاري آهي. هيل تائين 340 ٻارن سميت 7 هزار فوجي ۽ سويلين شهري شهيد ٿي چڪا آهن. ان سان گڏ شهري ۽ فوجي انفرااسٽرڪچر کي به سخت نقصان پهتو آهي. ايران جوابي ڪارروائي ڪندي اسرائيل کي به شديد نقصان پهچايو آهي. اها جنگ جيڪا ايران سان شروع ڪئي ويئي هئي، سا سعودي عرب تائين ڦهلجي وئي آهي. قطر ۾ آمريڪي فوجي اڏي تي ايران جي ڪيل حملن ڪانپوءِ هاڻي سرڪاري طور تي اهو اڏو بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ باقي عرب ۽ مسلمان ملڪن ۾ به آمريڪي فوجي اڏن جي خاتمي لاءِ چرپر شروع ٿي وئي آهي.
هڪ اندازي مطابق ايران ۾ 14 سئو جي لڳ ڀڳ عام شهري شهادت ماڻي چڪا آهن. آمريڪي حملن جي باوجود ايران مزاحمت جاري رکي آهي ۽ لڳاتار اهو پيغام ڏيئي رهيو آهي ته، جيستائين هڪ به ايراني شهري زنده آهي، آمريڪي اڳرائيءَ کي قبول نه ڪيو ويندو. ايران ۾ حڪومتي تبديليءَ جي لاءِ جيڪا تحريڪ پيدا ڪئي ويئي هئي، اها به ماٺي ٿي وئي آهي ۽ سمورو عوام ۽ سياسي پارٽيون آمريڪي حملن خلاف متحد ٿي ويون آهن. آمريڪا، نه صرف ايران جي فوجي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو آهي، پر شهري علائقن خاص ڪري درسگاهن کي به معاف نه ڪيو آهي، جنهن سبب سموري دنيا ۾ آمريڪا مخالف نفرت جي



روم (اٽلي) ۾ ٽرمپ ۽ نيتن ياهو خلاف احتجاج

**آمريڪي صدر ٽرمپ جي جنگي پاليسين خلاف آمريڪا ۾ ”نو ڪنگز“ احتجاج دوران عوام جو سمنڊ ميدان تي لهي پيو آهي. ملڪ جي 50 رياستن ۾ 3 هزار کان وڌيڪ هنڌن تي ”نو ڪنگز“ مارچ ڪيو ويو آهي. ان احتجاجي مارچ ۾ جتي زندگيءَ جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل اهم شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، اتي 80 لکن کان وڌيڪ عام شهري به روڊن ۽ رستن تي نڪري آيا. ان سان گڏ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به ساڳئي نوعيت جو احتجاج ڪيو ويو آهي. مظاهرن ۾ شريڪ ماڻهن صدر ٽرمپ خلاف ۽ ايران جي حق ۾ نعرا لڳايا. ڪجهه ماڻهو ته ٽرمپ جي مواخذي جو مطالبو ڪري رهيا هئا.**




سونامي اڇي وئي آهي.
آمريڪا ۽ ايران ۾ جنگبنديءَ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون پئي ويون، هيل تائين انهن جو ڪو به نتيجو نه نڪتو آهي. ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جون ڳالهيون به سامهون آيون آهن، جن ۾ هن هڪ ڀيرو ٻيهر واضح ڪيو آهي ته، ايران کي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ شرڪت تي ڪو به اعتراض نه هو. اهو به واضح ٿي ويو ته آمريڪا، ڳالهين جي آڙ ۾ ايران کي تباهه ڪرڻ جو پروگرام رٿيو هو. آمريڪي قيادت، خاص ڪري صدر ٽرمپ ايران ۾ زميني فوج لاهڻ جو جيڪو پلان جوڙيو هو، اهو به ملتوي ٿي ويو آهي. آمريڪي فوجي قيادت پاران ايران ۾ فوج موڪلڻ کان انڪار ڪانپوءِ ٽرمپ اهم فوجي عملدارن کي برطرف ڪري ڇڏيو آهي. ان سان اهو پلان به چوپٽ ٿي ويو آهي. آمريڪي فوجي قيادت جي جرائت واري قدم کڻڻ تي سموري دنيا ۾ کين سرخ سلام پيش ڪيو پيو وڃي.
ٻئي طرف ايراني قيادت به اهو اعلان ڪيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا زميني فوج لاٿي ته انهن مان هڪ به آمريڪي فوجي کي زنده نه ڇڏيو ويندو. اهڙي صورتحال ۾ آمريڪا پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿيو آهي. ٽرمپ لڳاتار چئي رهيو آهي ته، هو ايران سان ٻه ٽي هفتا جنگ جاري رکندا ۽ ان کي پٿر جي دور ۾ داخل ڪري ڇڏيندا. آمريڪي صدر جي اهڙين ڌمڪين ڪانپوءِ عوامي ردعمل به سامهون اچي ويو آهي.




## نو ڪنگس تحريڪ

آمريڪي صدر جي جنگي پاليسين جي خلاف آمريڪا ۾ ”نو ڪنگز“ احتجاج دوران عوام جو سمنڊ ميدان تي لهي پيو آهي. ملڪ جي 50 رياستن ۾ 3 هزار کان وڌيڪ هنڌن تي ”نو ڪنگز“ مارچ ڪيو ويو. ان احتجاجي مارچ ۾ جتي زندگيءَ جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل اهم شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، اتي 80 لکن کان وڌيڪ عام شهري روڊن ۽ رستن تي نڪري آيا. ان سان گڏ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به ساڳئي نوعيت جو احتجاج ڪيو ويو آهي.
28 مارچ 2026 تي ڪيل ”نو ڪنگز“ احتجاجي مارچ دوران خاص ڪري واشنگٽن ۽ نيويارڪ جهڙن شهرن ۾ لکين شهري رستن تي نڪتا. انهن جي هٿن ۾ آمريڪي صدر ٽرمپ جا خاص ٺاهيل پتلا هئا، جن کي بيدرديءَ سان زمين تي ڦٽو ڪري، ان سان نفرت جو اظهار ڪيو ويو. احتجاج منظم ڪندڙن جو چوڻ هو ته، آمريڪي عوام ايران سان ڪنهن به قسم جي جنگ نٿو چاهي، انڪري هو صدر ٽرمپ کي عاق ڪرڻ جو اعلان ڪن ٿا.



گيٽي اميجز ـ

”نوڪنگز “ احتجاجي مارچ ڪو معمولي نوعيت جو ناهي. ان غزه خلاف ٽرمپ جي پاليسين ۽ ماضيءَ جي وومين مارچ جو ريڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو آهي. ان نوعيت جو احتجاج 2020 ۾ بہ ٿيو هو، جيڪو بيلڪ لائيوز ميٽر جي سري سان ڪيو ويو، جنهن ۾ ڏيڍ ڪروڙ شهري شريڪ ٿيا هئا. موجوده احتجاج ۾ سياسي رهنمائن، سماجي ڪارڪنن، شاگردن، عام شهرين، اهم شخصيتن ۽ ٻين شرڪت ڪري اهو پيغام ڏنو آهي تہ، ”آمريڪا ۾ ڪو هڪ شخص بادشاهہ بڻجي نٿو سگهي، طاقت عوام وٽ هجڻ گهرجي“.

”نوڪنگز“ احتجاجي مارچ ۾ جن اهم سياسي شخصيتن شرڪت ڪئي آهي، انهن ۾ سينيٽر برني سينڊرز، اليگزينڊرا اوڪيسيو ڪورٽز (Alexandria Ocasio_Cortez) ۽ ايلزبيٿ وارين شامل آهن. سماجي ڪارڪنن مان ايل شارپٽن (Al Sharpton)، جمهوريت پسند اڳواڻ ۽ انساني حقن جا ڪارڪن بہ شامل هئا. يونيورسٽين جا شاگرد، لبرل ۽ پروگريسو نوجوان ۽ آمريت مخالف ڪارڪن بہ مارچ جو حصو بڻيا. فنڪارن ۽ سيليبرٽيز ۾ رابرٽ ڊي نيرو، ميرل اسٽريپ ۽ ٻيا بہ سرفهرست رهيا.




تاريخي طور تي ڏٺو وڃي تہ ساڳئي نوعيت جي ”نو ڪنگز“ مارچ ۾ ملڪ جو باني جارج واشنگٽن، ٿامس جيفرسن ۽ جان ايڊمز بہ شرڪت ڪري چڪا آهن. آمريڪي عوام هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي تاريخي روايت کي ورجائيندي احتجاج ڪري دنيا کي اهو پيغام ڏنو آهي تہ ڪين جمهوريت ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ آمراڻو نظام قبول ناهي.

## ٽرمپ جو اپريل فول خطاب

آمريڪي ميڊيا صدر ٽرمپ جي ٻهرين اپريل تي 20 منٽن جي خطاب کي طنزيہ طور ”اپريل فول“ قرار ڏنو ويو آهي. جيتوڻيڪ اهو خطاب انتهائي سنجيده هو، جنهن ۾ 9 ڪروڙ جي آبادي واري ملڪ ايران کي ”پٿر جي دور“ ۾ واپس موڪلڻ جي ڌمڪي ڏني وئي هئي. ٽرمپ معمول مطابق ٻٽاڪ شو جو مظاهرو ڪندي چيو تہ، ”آمريڪا ايندڙ ٻن کان ٽن هفتن ۾ ايران تي انتهائي سخت حملن جو پلان جوڙي چڪو آهي.“ تقرير ۾ سفارتڪاريءَ جو ذڪر تمام گهٽ هو. ايران ۾ جنگ شروع ڪرڻ ڪانپوءِ ٽرمپ جو اهو پهريون عوام کي خطاب هو.

ٽرمپ ڪو وڏو اعلان ڪرڻ ۾ ناڪام ويو، پر هن ايترو ضرور چيو تہ، آمريڪا، ايران کي جلد مات ڏئي ڇڏيندو. هن پنهنجين پراڻين دعوائن کي ورجايو تہ، آمريڪي جنگ جا مقصد پورا ٿيڻ وارا آهن. آمريڪا جا ڪهڙا مقصد هئا؟ ان بابت هن ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو. هن شط العرب کي کولڻ بابت دنيا کي ڪابہ خاطري نہ ڪرائي، پر ايترو چيو تہ، ٻين ملڪن کي اڳتي اچي اهو مسئلو حل ڪرائڻ گهرجي. هن پنهنجين ڌمڪين کي ورجايو تہ، جنگ ختم ڪرڻ لاءِ ڪو ٺاهہ نہ ڪيو ويو تہ ايران جي پاور پلانٽس ۽ تيل جي انفرااسٽرڪچر کي نشانو بڻايو ويندو. بقول چواڻي، هو ايران جي ايٽمي مواد جي نگراني ڪري رهيو آهي ۽ جيڪڏهن ايران بم ٺاهڻ طرف قدم وڌايو تہ مٿس حملو ڪيو ويندو.

ٽرمپ اهو بہ چيو تہ، ايران جي نيوي ۽ ايئرفورس بہ ختم ٿي وئي آهي، پر هن اهو نہ ٻڌايو تہ، ايراني نيوي جي ختم ٿيڻ باوجود شط العرب کي ڪيئن بند رکيو آهي؟ جتان آمريڪي فوجي توڙي ٻيڙا لنگهي نٿا سگهن. صدر ٽرمپ جي خطاب ڪانپوءِ ماهرن جو چوڻ هو تہ، ڪيس مستقبل



گيٽي اميجز ـ

قريب ۾ ڪوبہ آڏي پچا کان بچائي نہ سگهندو. ٽرمپ عالمي معاشي ۽ سياسي بحران جو بنياد رکي ڇڏيو آهي، جنهن کي دنيا جو هر ٻار ۽ ٻچو محسوس ڪري ٿو.

ايراني صدر جو آمريڪي عوام کي لکيل خط

ٽرمپ جي خطاب ڪانپوءِ ايراني صدر، آمريڪي عوام جي نالي هڪ خط لکيو، جنهن ۾ هن ڄاڻايو تہ، ”اسان کي آمريڪي عوام سميت دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ سان دشمني ناهي. اسان رڳو پرڏيهي آمريڪي اڳرائي خلاف پنهنجو دفاع ڪري رهيا آهيون.“ صدر مسعود پزشڪيان اهو سوال بہ اٿاريو تہ، اسرائيل جو آمريڪي سياسي نظام تي ڪيترو اثر آهي، جيڪو آخري آمريڪي فوجي ۽ آخري آمريڪي ٽيڪس ڏيندڙ جي ڊالر تائين ايران سان وڙهڻ گهري ٿو؟

ايران ماضي ۾ بہ اڳرائي ڪندڙ قوتن سان وڙهي چڪو آهي ۽ هاڻ بہ وڙهي سوڀ حاصل ڪندو. اهو اصل ۾ اڳوڻي صدر محمد خاتمي جي سوچ جو اظهار آهي تہ، ”دنيا ۾ تهذيبن ۾ ڊائلاگ“ جي ضرورت آهي. ■

## هرمز لنگهہ



شط العرب ڏکڻ اوڀر عراق ۾ واقع هڪ درياهہ آهي، جيڪو دجلا ۽ فرات جي سنگم سان الفرنہ ماڳ وٽ درياهي صورت اختيار ڪري ٿو. اهو درياهہ، جنهن کي هرمز لنگهہ بہ سڏيو وڃي ٿو، ڏکڻ اوڀر طرف اٽڪل 120 ميل يا 193 ڪلوميٽرن تائين ڦهليل آهي. اهو عراقي بندرگاهہ بصرا ۽ ايراني بندرگاهہ آبادان کان گذري ٿو، ۽ وڃي ايراني نار يا خليج فارس ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. پنهنجي آخري چيڙي ۾ بہ درياهہ عراق ۽ ايران جي وچ ۾ سرحد جي حيثيت اختيار ڪري وٺن ٿا. انهن ۾ اوڀر ۾ ايران جو درياهہ ڪارون بہ شامل ٿي وڃي ٿو. ان درياهہ جي ويڪر بصري وٽ اٽڪل 120 فوٽ يا 37 ميٽر کان وڌي اڌ ڪلوميٽر تائين ٿي وڃي ٿي.




درياهہ جي ڪنارن تي آباد علائقن ۾ ڪجور جا باغ موجود آهن، جيڪي سامونڊي لهرن سبب قدرتي طور تي آباد ٿين ٿا. ڪارون درياهہ مان لٽ شط العرب ۾ اچي ٿو، جنهن سبب جهازن جي اچ وڃ لاءِ لڳاتار کوٽائي ڪرڻي پوندي آهي.

1980 جي ڏهاڪي ۾ شط العرب ايران، عراق جنگ جو اهم ميدان هيو، جڏهن تہ عراق 1980 ۾ ايران تي حملو ڪيو ۽ درياهہ جي ٻنهي ڪنارن تي پنهنجي خودمختياري جي دعويٰ ڪئي هئي، پرجنگ ڪانپوءِ بہ درياهہ جي حدبندي جو مسئلو طئي ٿي نہ سگهيو هو. هي اهو ئي لنگهہ آهي، جتان دنيا جو 20 سيڪڙو تيل ۽ ٻيو سامان گذري ٿو. هينئر آمريڪا ۽ ايران ۾ جنگ سبب ان لنگهہ کي آمريڪا ۽ ان جي اتحادين لاءِ بند ڪيو ويو آهي، جنهن سبب دنيا ۾ تيل جو وڏو بحران پيدا ٿيو آهي. اسان وٽ ان بحران وڏي شدت اختيار ڪئي آهي. ■

# ايران سان جنگ ۾ خليج جي جهنگلي ۽ آبي جيوت جو 40 سيڪڙو ختم ٿي چڪو

ايران سان جنگ جو سڀ کان وڏو نقصان صرف زمين يا شهرن تائين محدود ناهي، پر ان سان سمندن ۽ درياهن ۾ رهندڙ بي زبان جيوت مارجي رهي آهي. درياهي نظام به (Karun River) تي اثرن ۾ ايران جي ڪرون ندي ان بحران کان بچيل ناهي. صنعتي فضلو ۽ جنگي سرگرميون پاڻي کي گدلو ڪن ٿيون. نتيجي ۾ مني پاڻيءَ جي مڇين ۽ ٻي جيوت جو خاتمو ٿي رهيو آهي.

مدهوش مير



ايران سان آمريڪا ۽ اسرائيل جي هلندڙ جنگ سبب خاص طور تي خليج فارس ۽ خليج عمان جهڙن سامونڊي علائقن ۾ ماحولياتي تباهي (Environmental Tragedy) هڪ الميي جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي. اهي علائقا دنيا جي اهم سامونڊي حياتياتي نظامن مان هڪ آهن، جتي سوين قسمن جي مڇي، مرجان، ۽ ناياب جيوت موجود آهي.

سامونڊي جيوت تي جنگ جا اثر ۽ تيل جو زهر به آبي جيوت جو خاموش قاتل آهن. جنگي حالتن ۾ تيل کڻندڙ جهازن تي حملا يا حادثا عام ٿين ٿا، جنهن سان وڏي مقدار ۾ تيل سمنڊ ۾ پکڙجي وڃي ٿو، جنهن ڪري پاڻيءَ جي سطح تي تيل جو تهه (layer) ٺهي وڃي ٿو، جنهن سان آبي جيوت لاءِ آڪسيجن جي کوٽ پيدا ٿي وڃي ٿي، نتيجي ۾ مڇيون، ڪڇون توڙي پکي مرڻ لڳن ٿا. ايران سان هلندڙ جنگ دوران اهڙا اثر خاص طور تي خليج فارس ۾ گهڻا ڏٺا ويا آهن، جتي اڳ به تيل جا وڏا حادثا ٿيا آهن.


مرجانن (Coral Reefs) جي به تباهي ٿي آهي. مرجان سامونڊي زندگيءَ جو بنياد آهن. جنگي آلودگي ۽ گرمي سبب مرجان (bleaching) جو شڪار ٿين ٿا. مرجان ختم ٿيڻ سان مڇين جي رهائش ختم ٿي وڃي ٿي ۽ سڄو سامونڊي نظام متاثر ٿئي ٿو. شور، ڌماڪن جا اثر، جنگ دوران سامونڊي جهازن جي حرڪت، ڌماڪا ۽ فوجي مشقن سان پيدا ٿيندڙ شور ٻلهڻ ۽ وهيل مڇيءَ جهڙن جاندارن لاءِ خطرناڪ آهن، ڇو ته اهي آواز ذريعي رستو ڳولين ٿا.

جنگي هٿيارن، بارود ۽ صنعتي فضلي سبب پاڻيءَ ۾ زهريلا ڪيميائي مادا شامل ٿين ٿا، جن سان مڇين ۾ بيماريون وڌن ٿيون، انساني خوراڪ جي زنجير (food chain) متاثر ٿئي ٿي ۽ پاڻي پيئڻ لائق نٿو رهي. درياهي نظام تي اثرن ۾ ايران جي ڪرون ندي (Karun River) به ان بحران کان بچيل ناهي. صنعتي فضلو ۽ جنگي سرگرميون پاڻي کي گدلو ڪن ٿيون. نتيجي ۾ مٺي پاڻيءَ جي مڇين ۽ ٻي جيوت جو خاتمو ٿي رهيو آهي. اهڙي نقصان سبب مقامي ماهيگيرن توڙي ٻين لاڳاپيل ماڻهن جي روزگار تي پڻ اثر پيو آهي. ان سان خوراڪ جي کوٽ پيدا ٿئي ٿي ۽ سامونڊي ماحول جو توازن بگڙي وڃي ٿو.



اي آءِ جي مدد سان ٺاهيل





ايران سان جنگ جو سڀ کان وڏو نقصان صرف زمين يا شهرن تائين محدود ناهي، پر ان سان سمندن ۽ درياهن ۾ رهندڙ بي زبان جيوت مارجي رهي آهي. تيل جا تهه، ڪيميائي گدلاڻ، ۽ شور جي گدلاڻ گڏجي هڪ اهڙو ماحول پيدا ڪيو آهي، جتي زندگي لاءِ بقا مشڪل بڻجي ويئي آهي.

اهڙي صورتحال ۾ دنيا کي گهرجي ته اها هيءَ جنگ بند ڪرائي ۽ ٻيو اهو ته، سامونڊي جيوت جي تحفظ لاءِ سنجيده قدم کنيا وڃن. ايراني ميڊيا موجب آبي ماهرن جون چوڻ آهي ته، ايران سان آمريڪا ۽ ايران جي جنگ سبب هن وقت تائين زمين تي رهندڙ جهنگلي جيوت سان گڏ پاڻيءَ ۾ رهندڙ جيوت جو 40 سيڪڙو متاثر ٿيو آهي. ■



فلسطيني شاعر محمود درويش

# جنگ ختم ٿي ويندي

شاعري: محمود درويش


ترجمو: روشن شيخ



جنگ ختم ٿي ويندي
ليڊر گرمجوشي سان
هڪ ٻئي سان ملندا
۽ پوڙهي رهجي ويندي
اُها پوڙهي ماءُ
جيڪا پنهنجي شهيد
پٽ جي واٽ نهاريندي
رهندي
اُها نوجوان ڇوڪري،
جيڪا پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ ويٺي هوندي
۽ اُهي ٻار،
جيڪي پنهنجي بهادر پيءُ جي واپسي جا منتظر
هوندا_
مان نٿو ڄاڻان ته وطن ڪنهن وڪرو ڪيو.
پر مون ڏٺو آهي ته قيمت ڪنهن ادا ڪئي! ■

# ڪارو پاڻي - مِٺو پاڻي ۽ جنگ

وسيم سومرو



جڏهن سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ کي گرم ڪيو ويجي ٿو، ته اهو ٻاڦ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو ۽ ان ۾ موجود لوڻ هيٺ رهجي ويجي ٿو. پوءِ جڏهن اها ٻاڦ ٿڌي ٿئي ٿي، ته اها صاف پاڻي بڻجي وڃي ٿي. اهو ئي عمل برسات جي صورت ۾ به اسان جي اکين آڏو هر سال ورجائجي ٿو. سمنڊ مان اُٿندڙ ٻاڦ بادل بڻجي ٿي ۽ پوءِ زمين تي مٺو مينهن بڻجي وسي ٿي.

هر ساهدار جي زندگي پاڻيءَ سان جڙيل آهي. پاڻيءَ بنا زندگيءَ جو تصور ناممڪن آهي.

سان سامونڊي حياتيءَ تي به تمام وڏو اثر پوي ٿو. تنهن ڪري سائنسدان هاڻي اهڙا طريقا ڳولي رهيا آهن، جيڪي سستا به هجن ۽ ماحول دوست به هجن.



اي آءِ جي مدد سان ٺاهيل

زمين تي پاڻيءَ جا جيتوڻيڪ وسيع خزانا موجود آهن، پر حيرت جي ڳالهه اها آهي ته انهن مان گهڻو حصو سمنڊن ۾ آهي ــ ۽ اهو پاڻي ڪارو آهي، جيڪو سڌو سنئون پيئڻ لائق ناهي. اڄ جڏهن دنيا جي ڪيترن علائقن ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي گهٽجي رهيو آهي، تڏهن انسان پنهنجي عقل ۽ سائنس جي مدد سان سمنڊ مان مٺي پاڻي حاصل ڪرڻ جا طريقا ايجاد ڪيا آهن.

سمنڊ جو پاڻي مٺي ڪرڻ واري عمل کي "ڊي سئلينيشن" چيو وڃي ٿو. اهو هڪ اهڙو سائنسي عمل آهي، جنهن وسيلي پاڻيءَ مان لوڻ ۽ ٻيون نجاستون ڌار ڪري ان کي پيئڻ لائق بڻايو وڃي ٿو. اهو عمل انساني ضرورتن جي جواب ۾ پيدا ٿيو آهي، چو ته عام چوڻي آهي ته "ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي." اهو عمل خاص ڪري انهن ملڪن ۾ ٿي رهيو آهي، جتي مٺو پاڻي گهٽ آهي ۽ سمنڊ ئي مٺو پاڻي حاصل ڪرڻ جو واحد ذريعو آهي.

سڀ کان پراڻو ۽ فطري طريقو اهو آهي، جيڪو قدرت پاڻ به استعمال ڪري ٿي يعني ــ پاڻيءَ کي اوٻارڻ ۽ ان جو ٻاڦ بڻجڻ. جڏهن سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ کي گرم ڪيو وڃي ٿو، ته اهو ٻاڦ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو، ۽ ان ۾ موجود لوڻ هيٺ رهجي وڃي ٿو. پوءِ جڏهن اها ٻاڦ ٿڌي ٿئي ٿي، ته اها صاف پاڻي بڻجي وڃي ٿي. اهوئي عمل برسات جي صورت ۾ به اسان جي اکين آڏو هر سال ورجائجي ٿو. سمنڊ مان اُٿندڙ ٻاڦ بادل بڻجي ٿي ۽ پوءِ زمين تي مٺو مينهن بڻجي وسي ٿي.

وقت سان گڏ انسان ان قدرتي عمل کي مشينن ذريعي انجام ڏيڻ سکيو آهي. اڄ جي جديد دور ۾ سڀ کان وڌيڪ استعمال ٿيندڙ طريقو "ريورس اوسموسس" آهي. ان طريقي ۾ سمنڊ جي پاڻيءَ کي زور سان هڪ خاص فلٽر مان گذاريو وڃي ٿو، جنهن کي جهلي (membrane)چيو وڃي ٿو. اها جهلي پاڻيءَ کي ته گذرڻ ڏئي ٿي، پر لوڻ ۽ ٻيون خرابيون روڪي ڇڏي ٿي. اهڙي طرح لوڻ رهجي وڃي ٿو ۽ صاف ۽ مٺو پاڻي ملي ٿو.

دنيا جا ڪيترائي ملڪ، خاص ڪري وچ اوڀر جا ملڪ جهڙوڪ سعودي عرب، گڏيل عرب امارات ۽ ڪويت، وڏي پيماني تي سمنڊ جو پاڻي صاف مٺو ڪري پنهنجي ماڻهن کي پيئڻ لاءِ فراهم ڪن ٿا. انهن ملڪن ۾ پاڻيءَ جا قدرتي ذخيرا گهٽ آهن، تنهن ڪري اها ٽيڪنالاجي انهن جي زندگيءَ جو هڪ اهم حصو بڻجي چڪي آهي. ان کان علاوه اسرائيل، آمريڪا ۽ ٻين ڪيترن ملڪن ۾ پڻ اهو طريقو استعمال ڪيو وڃي ٿو.

پر ان ڪاري پاڻيءَ کي مٺي ڪرڻ جي ترقيءَ سان گڏ ڪجهه مسئلا به لاڳاپيل آهن. سمنڊ جو پاڻي صاف ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي توانائيءَ جي ضرورت پوي ٿي، جنهن ڪري اهو عمل مهانگو ٿي وڃي ٿو. ان کان علاوه، جيڪو لوڻ وارو پاڻي بچي وڃي ٿو، ان کي واپس سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ

غريب ۽ وسيلن کان محروم علائقن لاءِ سادا حل به موجود آهن. سج جي گرميءَ سان پاڻي کي صاف ڪرڻ، يا ننڍي سطح تي اوٻارڻ جهڙا طريقا استعمال ڪري سگهجن ٿا. جيتوڻيڪ اهي طريقا وڏي پيماني تي ڪافي نه آهن، پر گهٽ ۾ گهٽ انساني ضرورتن کي ڪنهن حد تائين پورو ڪري سگهن ٿا.

آخر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته سمنڊ، جيڪو اڳي رڳو ڪاري پاڻيءَ جو ذريعو سمجهيو ويندو هو، اهو هاڻي انسان لاءِ اميد جو هڪ نئون درياهه بڻجي چڪو آهي. سائنس جي روشنيءَ ۾ انسان ناممڪن کي ممڪن بڻائي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن صحيح رٿابندي ۽ وسيلن جو بهتر استعمال ڪيو وڃي، ته اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن سمنڊ جو پاڻي هر انسان لاءِ مٺو ۽ آسان دستياب ٿي وڃي.

پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته جديد دنيا ۾، جتي هڪ پاسي انسان زندگي بچائڻ لاءِ اهڙا ڪارائتا پلانٽ قائم ڪري رهيو آهي، اتي جنگين جي باهه انهن کي به پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي رهي آهي. ايران سان هلندڙ آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ ۾ ڪجهه هنڌن تي اهڙن پاڻي صاف ڪرڻ وارن مرڪزن تي ڊرون حملا ڪري انهن کي تباهه ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن. اهڙي عمل سان نه رڳو انفراسٽرڪچر جو مالي نقصان ٿئي ٿو، پر بيگناهه ماڻهن جي بنيادي ضرورت — پاڻي به خطري ۾ پئجي وڃي ٿي.

جنگ ڪندڙ ڌرين کي اهو سوچڻ گهرجي ته اهي پلانٽ ڪنهن هڪ ملڪ يا حڪومت جا نه، پر عام انسانيت جي ڀلائي جا آهن. پاڻي زندگيءَ جو بنياد آهي، ۽ ان تي وار ڪرڻ دراصل انسانيت تي وار ڪرڻ برابر آهي، تنهن ڪري اهڙن اهم ادارن ۽ منصوبن کي تباهه ڪرڻ کان سختيءَ سان پاسو ڪرڻ گهرجي. ساڳئي وقت، انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ عالمي ادارن کي به گهرجي ته اهي پنهنجو اثرائتو آواز بلند ڪن، جيئن اهڙي اڳرائيءَ کي روڪي سگهجي ۽ انسانيت جي هن اهم وسيلي کي محفوظ بڻائي سگهجي. ■

# انساني حقن جا دعويدار

اطهر منگي



دنيا بدلجي وئي آهي
منافقي وڌي وئي آهي
انصاف لڏي ويو آهي
انساني حقن جا دعويدار
پڌرا ٿي پيا آهن!

يو اين او جي چارٽر جا ڪاغذ
نالي ۾ نهال ٿي پيا آهن
دنيا پنهجي خود غرضين ۾
انڌي بڻجي پئي آهي!

ڏاڍ جو ڏهڪاءُ
پنهنجي عروج تي
پهچي چڪو آهي
انسانيت ختم ٿي وئي آهي!

عراق لبيا ۽ شام ۾ ڇا ٿيو
فلسطين تي
ڪيڏي قيامت گذري
ايران سان
ڇا ٿي رهيو آهي!

جيڪو ڏاڍو سو گابو وارو قانون
پنهنجي انتها جون حدون
ڇُهي رهيو آهي
سڌريل ملڪن جون
سموريون دعوائون
ڏُوڙ ٿي ويون آهن
انساني ظرف ۽ ضمير
پنهنجو لڏو
کڻي هليو ويو آهي
ڏاڍ جو ديوُ
پنهنجا ڏند
ٽيڙي رهيو آهي
امن ۽ انسانيت جي علمبردارن
پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏيون آهن
ڪنن ۾ ڪپهه وجهي ڇڏي آهي
ڪين ڪجهه به ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾
ڪونه ٿو اچي!
ڪيڏو قهر ٿي رهيو آهي
انسانيت شرمسار آهي


دنيا بدلجي وئي آهي
منافقي وڌي وئي آهي
انصاف لڏي ويو آهي
انساني حقن جا دعويدار
پڌرا ٿي پيا آهن! ■

# سنڌو درياهه جو قديم ڦاٽُ: اولهندو نارو، جو ڦِٽي ويو

امام راشدي



سنڌ جي تاريخ سنڌو درياهه سان جڙيل آهي، جنهن سنڌو تهذيب کي جنم ڏئي دنيا ۾ نروار ڪيو. سنڌو درياهه سنڌ جو جياپو آهي، جيڪو سنڌ کي بهشت بڻايون بيٺو آهي. قديم زماني کان وٺي اهو درياهه ۽ ان جا قدرتي وهڪرا ۽ ڦاٽ سنڌ جي زراعت ۽ نهري نظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آيا آهن. جڏهن سنڌ ۾ بئراج سسٽم رائج ٿيو ۽ نوان واهه کوٽايا ويا، تڏهن انهن قدرتي وهڪرن جي اهميت ختم ٿي وئي. هونئن ته سنڌو درياهه جا قديم وهڪرا تمام گهڻا آهن، جن سنڌ جي خوشحاليءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي، پر لاڙڪاڻي ضلعي جي تاريخ ۾ درياهه جي ٻن قدرتي ڦاٽن جي تمام گهڻي اهميت ۽ ڪردار رهيو آهي. انهن ۾ هڪ "گهاڙ واهه" ٻيو "الهندو نارو" آهي. اهي ٻئي واهه هِن وقت پنهنجو وجود وڃائي چڪا آهن، پوءِ به انهن جو نظارو ڪٿي ڪٿي قائم آهي. اهي ٻئي ڦاٽ سکر کان هيٺ نڪرندا هئا.



گهاڙ واهه جو مُنهن داراپور ۽ آدمجي ڳوٺ جي پرسان ۽ اولهندو نارو عاقل ڳوٺ جي ويجهو نڪرندا هئو. سنڌو درياهه جي رخ تبديل ڪرڻ سان انهن جا رخ به بدلبا رهندا هئا. انهن واهن جو ڇوڙ منڇر ۾ ٿيندو هو. ٻنهي جا آثار ڪٿي ڪٿي موجود آهن. گهاڙ ۽ اولهندو نارو، ٻئي قديم وهڪرا سنڌ جي تاريخ ۾ خاص اهميت رکن ٿا. اهي نه رڳو زراعت جي لحاظ کان اهم رهيا آهن، پر آبي گذر گاهه به رهيا آهن.

برطانوي دور ۾ ڪيترائي انگريز انهن واهن رستي سيوهڻ کان سکر تائين سفر ڪندا هئا. انهن پنهنجين رپورٽن توڙي سفرن ۾، انهن جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو آهي، خاص ڪري ڪتاب "نئين مصر جا پُراڻا ورق" جو ليکڪ ڪئپٽن اِي بي ايسٽوِڪ ۽ سنڌس منشي لطف الله سورتيءَ پنهنجي سفرنامن ۾ انهن ن واهن جو احوال ڏنو آهي. انهن ٻنهي صاحبن ناري ۽ گهاڙ سان سفر ڪيو هو.

تازو "اولهندو ڦٽل نارو" جي عنوان سان هڪ تاريخي ۽ تحقيقي ڪتاب شايع ٿيو آهي، جنهن جو ليکڪ احمد علي سومرو آهي. هيءُ علم ۽ ادب جي دنيا جو ماڻهو آهي. سندس هي تحقيقي ڪتاب اولهندي ناري جي هڪ جيئري جاڳندي تاريخ آهي. ڌرتيءَ تان نارو واهه ڀلي ميسارجي وڃي، پر اهو هن ڪتاب ۾ زنده ٿي ويو آهي. نارو واهه جي هيءَ تاريخ نئين نسل کي بهترين آگاهي ڏئي ٿي، ۽ سموري علائقي جي تاريخ کي پڻ اجاڳر ڪري ٿي. ليکڪ ان واهه جي، ان جي ابتدا کان وٺي انتها تائين پيرا کنيا آهن ۽ انهن جي ٻنهي ڪنڌين جي آباديءَ کي ظاهر ڪيو آهي. هو ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر جي تاريخ بيان ڪري ٿو ۽ اتان جي دفن ٿيل تاريخ کي کوليندو رهي ٿو. ليکڪ احمد علي سومري جي محنت ۽ تحقيقي جستجوءَ جو عڪس هِن ڪتاب جي هر هڪ صفحي مان عيان آهي. هن ڪتاب کي هيٺين عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي: سنڌونديءَ قدرت جو هڪ اُملهه تحفو، سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ، لاڙڪاڻو سنڌ جو باغِ عدن، لبِ دريا ناري ماڻريءَ جو گهوارو، اولهندي ناري جي جاگرافيائي بيهڪ، اولهندي ناري جا پتڻ، اولهندي ناري جا واهه ۽ شاخون، اولهندي ناري جا ڪڙيا ۽ ڪسيون، اولهندي ناري جو آبپاشيءَ ۾ حصو، اولهندو نارو، سياسي، سماجي ۽ اقتصادي جائزو ۽ اولهندي ڦِٽل ناري جو سٽر.

اولهندو نارو پنهنجي دور ۾ وڏي اوج وارو واهه رهيو آهي. ان کي تمام گهڻا ور وڪڙ آهن. تڏهن ئي ته ان کي نانگ واهه به سڏيو ويندو هو. هي واهه

> اولهندو نارو پنهنجي دور ۾ وڏي اوج وارو واهه رهيو آهي. ان کي تمام گهڻا ور وڪڙ هئا، تڏهن ئي ته ان کي نانگ واهه به سڏيو ويندو هو. اهو واهه سنڌ جي آبپاشي نظام سان گڏ اقتصادي، سياسي ۽ سماجي تاريخ ۾ خاص مقام رکي ٿو. جيئن ته ليکڪ جو تعلق به اولهندي ناري تي آباد "محرابپور سنديلو ڳوٺ" سان آهي ۽ جڏهن هن ڳوٺ جو ذڪر، ڪئپٽن ايسٽوِڪ جي ڪتاب ۾ پڙهيو ته، ڪيس ان جي تاريخ رقم ڪرڻ جو خيال جاڳيو. ان بعد وڏي تحقيق بعد هي ڪتاب لکيائين.



سنڌ جي آبپاشي نظام سان گڏ اقتصادي، سياسي ۽ سماجي تاريخ ۾ خاص مقام رکي ٿو. جيئن ته ليکڪ جو تعلق به اولهندي ناري تي آباد "محرابپور سنديلو ڳوٺ" سان آهي ۽ جڏهن هن ڳوٺ جو ذڪر، ڪئپٽن ايسٽوِڪ جي ڪتاب ۾ پڙهيائين ته، ڪيس ان جي تاريخ رقم ڪرڻ جو خيال جاڳيو. اهڙي طرح هُن ڪتاب اُتلايا، عالمن اديبن کان پڇائون ڪيون، ماڻهن کان حال احوال ورتاءِ پوءِ شروعات کان وٺي ڇوڙ تائين نارو واهه جي تاريخ جو پيرو ڪنيو. ائين نه ڇڏيائين ڪو ڳوٺ، واهڻ، اُجڙيل يا آباد وستي ۽ ويو لکندو. ان طرح هڪ اهڙي تاريخ جوڙي وڌائين، جنهن ڪيس به تاريخي دوام بخشي ڇڏيو آهي. جڻ ته ليکڪ احمد علي سومري تعلقي ڏوڪري جي تاريخ لکي آهي. ڀرپور ڄاڻ واري هن ڪتاب ۾ بيشمار ڳوٺن جو احوال شامل ڪيو ويو آهي. ان ڳوٺ جي مڪمل تاريخ ۽ واقعا بيان ڪيا ويا آهن.

محقق سومرو صاحب جتي باقراڻي ۽ ڏوڪري تعلقن جي سمورن ننڍن وڏن ڪتابن جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي، اتي ڪن خاص ڳوٺن جو تذڪرو غائب آهي، خاص ڪري درگاهه مشوري شريف ڳوٺ، درگاهه پير ڳوٺ لڳ ٺلاهُ شريف، جتي پير پاڳارن جي شاخ جهنڊي وارن جو سرواڻ حضرت پير سيد محمد ياسين شاهه جهنڊي وارو مدفون آهي ۽ درگاهه مشوري شريف واري بزرگ حضرت مولوي محمد قاسم مشوري رح جا مرشد پير سيد امام الدين راشدي به اتي دفن آهن. انهن ٻنهي تاريخي ڳوٺن سان گڏ خود ٺلاهُ ڳوٺ کي شامل ناهي ڪيو ويو، جڏهن ته اهي ليکڪ جا پاڙيسري ڳوٺ آهن.

جيئن ته اولهندو نارو، سنڌو درياهه جو هڪ نهايت قديم ڦاٽ آهي. جڏهن به آبڪلاڻيءَ جي مند ٿيندي هئي ته اهو واهه پڻ جي وهي هلندو هو. ناري مان ڀيا به ننڍا ننڍا واهه ۽ ڪسيون نڪرنديون هيون. جن تي به پوکي راهي ٿيندي هئي. باقراڻي ۽ ڏوڪريءَ کان وٺي دادو ضلعي تائين نارو واهه تي آبادي ٿيندي هئي، جيڪا انهن علائقن لاءِ وڏي خوشحاليءَ جو سبب بڻيل هئي. ليکڪ پنهنجي ڀرپور ڪوشش سان نارو واهه سان لاڳاپيل ذري پُرزي جو احوال هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي. لاتعداد تاريخي آثارن، ماڳن ۽ مقانن جو تفصيلي ذڪر به ڪيو آهي. تاريخ جي روشنيءَ ۾ اولهندي ناري جي تاريخي اهميت کي ليکڪ نهايت خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

هي ڪتاب نه صرف هڪڙي قدرتي واهه جي تاريخ بيان ڪري ٿو، پر اهو سنڌ جي مڪمل تاريخ جو عڪس ۽ اولڙو به آڻي ٿو. هي ڪتاب ليکڪ جي بيحد دلچسپيءَ جي سامان جو مظهر آهي. ليکڪ ڪنهن ڪمري ۾ بند ٿي ڪتابن جي ورق گرداني ناهي ڪئي، پر قلم ۽ قدم هلائي هڪ اهڙي واهه جي تاريخ پڌري ڪئي آهي، جيڪا هِن سموري علائقي جي تاريخ کي پڌرو ڪري ٿي. بهرحال هن ڪتاب ۾ سيٽ لائيٽ تان ورتل تصويرون، نقشا ۽ رنگين تصويرن جو سيٽ شامل آهي. ڪتاب ڪئپٽن اِي بي ايسٽوِڪ ۽ ايم ايچ پنهور صاحب جن کي ارپيل آهي. ڪتاب جو مهاڳ عيسىٰ ميمڻ لکيو آهي ۽ ليکڪ جو تعارف بخش علي پناڻ جو ڪرايل آهي. سنڌ جي هڪڙي قديم واهه "اولهندو ڦٽل نارو" تي آيل هيءُ ڪتاب سنڌ جي تاريخ جو تسلسل آهي. ■

# ڊي ڊالرائيزيشن ۽ روس جي سونَ جي برآمد تي پابندي

اظهر آزاد مغل





ٽرمپ فتح جو جشن ملهائيندو رهيو، ۽ پيوٽن خاموشي سان ڊالر جي تابوت ۾ هڪ ٻي ڪِلي ٺوڪي ڇڏي. هڪ طرف صدر ٽرمپ دنيا جي سامهون اٿي بيهي دعويٰ ڪري رهيو آهي ته، "اسان هيءَ جنگ کٽي چڪا آهيون." عين انهيءَ وقت دنيا جي هڪ ٻي ڪنڊ مان روسي صدر پيوٽن هڪ اهڙي صدارتي حڪم نامي تي صحيح ڪري ڇڏي، جنهن سامراج جي عالمي مالياتي نظام جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو.

پيوٽن پهرين مئي 2026 کان 100 گرام کان وڏي "ريفائنڊ گولڊ بارز" (Refined Gold Bars) جي ايڪسپورٽ تي مڪمل طور پابندي لڳائي ڇڏي آهي. دنيا جو ٻيو سڀ کان وڏو سون پيدا ڪندڙ ملڪ (روس) پنهنجي سالياني 310 ٽن سون جي پيداوار کي پنهنجي ئي سرحدن اندر بند ڪري ڇڏيو آهي. ٽريڊنگ فلورز تي ويٺل ماڻهو ان خبر تي حيران نه ٿيا آهن، جيتوڻيڪ انهن کي حيران ٿيڻ گهرجي ها. اڇو ته ان خاموش معاشي بم ۽ مظلومن جي جنگ ۾ ان حيران ڪُن ڳٽ جوڙ جو گهرو تجزيو ڪيون، جنهن ڊالر جي راند ختم ڪري ڇڏي آهي.

**رشين سينٽرل بئنڪ جو ماسٽر اسٽروڪ:**

روس جي اها پابندي عام شهرين ۽ ڪمپنين لاءِ آهي ته جيئن سرمايو ملڪ کان ٻاهر نه وڃي سگهي. جيتوڻيڪ ڪمرشل بئنڪن کي ان کان آجو قرار ڏنو ويو آهي. ظاهري سبب "بليڪ ايڪانامي" کي روڪڻ ٻڌائي ويو آهي، پر ان جي ٽائمنگ ڏاڍي اهم آهي. روس پهريان سون مهانگو وڪرو ڪيو، پوءِ ان جو وڪرو بند ڪري ڇڏيو. رشين سينٽرل بئنڪ جنوري ۽ فيبروري 2002 کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ سون وڪرو ڪيو، جيڪو ان 15 ميٽرڪ ٽن، پنهنجي بلند ترين قيمت تي وڪڻي 1.68 ارب ڊالر ڪمايا.

اڄ روس وٽ 74.3 ملين اونس سون باقي آهي، جنهن جي قيمت 384 ارب ڊالر آهي ۽ اهو ان جي ڪل متاستا وارن ذخيرن جو 47 سيڪڙو آهي. جنهن دنيا ۾ اولهه جي غاصبن روس جا 300 ارب ڊالر فريز ڪري رکيا آهن، اتي هاڻي اهو سون روس جو سڀ کان وڏو ۽ محفوظ خودمختيار اثاثو (Sovereign Asset) بڻجي ويو آهي.

**برڪس ڪرنسي ۽ نئون عالمي نظام:**

هاڻي ان پابندي کي آڪٽوبر 2025 ۾ شروع ٿيل نئين برڪس ڪرنسي (BRICS Unit) سان جوڙيو ويو. اها نئين ڪرنسي هوا ۾ ناهي هلندي. ان کي 40 سيڪڙو فزيڪل گولڊ ۽ 60 سيڪڙو برڪس ملڪن جي ڪرنسين جي پٺڀرائي حاصل آهي. ان نظام کي هلائڻ جي لاءِ ميمبر ملڪن م سون جون تجوڙيون ڀاهيون پيون وڃن.

روس جو پنهنجي 310 ٽن ساليانو پيداوار کي ملڪ ۾ روڪڻ جو مطلب آهي ته سون کي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ نه ڏيڻ. اهو سون "ڪوليٽرل" (Collateral) ضمانت بڻجندو. اهو ڪوليٽرل تجارتي سيٽلمينٽ بڻجندو ۽ اها سيٽلمينٽ آمريڪي ڊالر جي جاءِ والاريندي.

**هرمز کان ماسڪو تائين: ڊي "ڊالرائيزيشن" جو سرڪٽ**

هاڻي ٿورو ان عالمي سرڪٽ کي سمجهو، جيڪو غاصبن جا هوش اڏائي رهيو آهي. هِنن ٻنهي نقطن کي ڪي پاڻ ۾ ڳنڍيو:

1. ايران جو وار: ايران هرمز لنگهه کي بند ڪري توانائي جو اهڙو بحران پيدا ڪيو آهي، جنهن تيل کي نان_ڊالر (Non_dollar) چئنلن ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي. هرمز جي ٽول پلازه تي ادائگيون چيني "يوآن" ۽ ڪرپٽو ۾ ٿي رهيون آهن.

2. سرڪٽ مڪمل: هرمز جو ٽول "يوآن" ۾ وصول ٿئي ٿو. يوآن جو اهو سرپلس چيني مال خريد ڪري ٿو. ان سان جيڪا تجارتي بچت ٿئي ٿي، اها سون ۾ تبديل ڪئي پئي وڃي. اهو سون سرحدن ۾ بند ٿي وڃي ٿو. اهو سون برڪس يونٽ جي پٺڀرائي ڪري ٿو ۽ اهو نئون نظام عالمي تجارت ۾ ڊالر کي دفن ڪري رهيو آهي.

ان سموري سرڪٽ جي هر هڪ حصي هن جنگ کي تيز ڪري ڇڏيو آهي، جنهن کي پاڳل ٽرمپ پنهنجي فتح قرار ڏئي رهيو آهي.

**غاصبن جي ٽيڪنالاجي مظلومن جي محتاج**

آمريڪا جن بمن سان ايران جي 9 هزار ٽارگيٽس تي حملا ڪري رهيو آهي، انهن بمن جي اندر استعمال ٿيندڙ "ريئر ارٿ ميگنيٽس" چين مان اچن ٿيون. اهو 200 ارب ڊالرن جو جنگي بجيٽ، جيڪو هو ايران جي خلاف استعمال ڪري رهيو آهي، اهو چيني معدنيات کان بغير پورو نه ٿو ٿي سگهي ۽ چين جي ڪرنسي هرمز ۾ هلي رهي آهي. جڏهن ته ان جي پٺڀرائي ڪرڻ وارو سون انهيءَ روس م قيد آهي، جيڪو چين کي سستي توانائي مهيا ڪري رهيو آهي. هيءَ جنگ غاصبن جي مالياتي نظام کي بچائي نه رهي آهي، پر اها نئين متبادل نظام جي تعمير کي تيز ڪري رهي آهي.

پيوٽن اهو قانون رڳو جنگ جي ڪري منظور ناهي ڪيو، پر ان لاءِ ڪيو آهي جو ايران جي هن زبردست مزاحمت ۽ جنگ اهو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي، جيڪي رڳو پابنديون ڪڏهن به نه ڪري سگهن ها. يعني هوائي واعدن تي هلڻ واري ڊالر کان نڪري، ٺوس اثاثن (سون) تي مبني مالياتي نظام جي طرف منتقلي ماليڪيولز (تيل/گيس) هرمز ۾ قيد آهي. سون روس ۾ قيد آهي ۽ آمريڪي ڊالر هڪ اهڙي طرح قيد ٿي ويو آهي، جنهن کي اهي ٻئي چوڪ پوائنٽس ملي ڪري ختم ڪرڻ وڃي رهيون آهن.

اوهان جي خيال ۾ جڏهن برڪس ۾ شامل ملڪن جو سون تي مشتمل تجارتي نظام پوري طرح فعال ٿي ويندو، ته ڇا غريب ۽ ترقي پذير ملڪ (جيئن پاڪستان) به آءِ ايم ايف ۽ ڊالر جي غلامي مان نڪري ان نئين ۽ منصفاڻي نظام جو حصو بڻجڻ جي همت نه ڪري سگهندا؟ ■

# ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪافي جو جديد عوامي دور

اختر درگاهي



ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪافيءَ جي جديد عوامي دور ۾ هڪ ٻي لهر آئي. ريڊيو جي عام ٿيڻ ۽ سنڌي فلم جي اچڻ ڪانپوءِ ان لهر سنڌي ڪافين ۽ ڪلامن کي ٻيهر عام ميلن، ملاکڙن ۽ محفلن ۾ آندو. ان دور ۾ ڪجهه شاعرن؛ فلمي طرزن تي پنهنجا درديلا ڪلام چيا. جن کي مشهور عوامي فنڪارن، فنڪارائن ۽ ناچن عوامي ميڙن، شادي مرادين ۽ ٿيٽرن ۾ ڳايو. ان دور جي شروعات 1950 جي ڏهاڪي کان ٿي، ۽ ان ڏارا جو عروج 1960 ۽ 1970 جي ڏهاڪي تائين رهيو.

اها هڪ حقيقيت آهي ته انهيءَ دور ۾ سنڌ جي نج لوڪ ڌنن يا موسيقارن جي تخليق ڪيل نين طرزن جي جاءِ تي اڳ مشهور ٿيل فلمي طرزن تي شاعرن پنهنجون ڪافيون ۽ ڪلام لکڻ شروع ڪيا. جيئن ته اهي فلمي طرزون وڏن موسيقارن جون ٺهيل هيون ۽ فلمي ذوق سبب ماڻهن ۾ مقبول به گهڻيون هيون، ان ڪري جڏهن عام ٻڌندڙن انهن طرزن تي پنهنجي سنڌي شاعري ٻڌي ته انهن ان کي گهڻو پسند ڪيو. اهڙين فلمي طرزن تي پنهنجو ڪلام لکڻ وارا شاعر به گهٽ ڪونه هيا. طرزون برابر فلمي هيون، پر انهن تي لکيل سنڌي ڪافي ان جي ٻولي ۽ رومانوي جذبن جي ترجماني بيحد اثر ڪندڙ هئي. نتيجي ۾ اهڙيون طرزون ڳائڻ وارن فنڪارن ۽ فنڪارائن کي محفل ۾ وڏو داد ۽ انعام ملندو هيو. پوءِ انهن ڪافين جي مقبوليت ايتري وڌي وئي جو ان دور جي ڪيترن پبلشرن انهن شاعرن کان مختلف فلمي طرزن تي ڪافيون لکرائي، انهن جون ننڍيون ننڍيون چوپڙيون ڇپرايون. جن ۾ سنڌي ڪافيءَ جي مٿان ان جي اصل مشهور فلمي طرز به لکيل هوندي هئي. گهڻا شوقين فنڪار اهي چوپڙيون خريد ڪري، انهن طرزن تي ڪلام ياد ڪري، عام محفل ۾ ڳائيندا هيا. ان سان پبلشرن، شاعرن ۽ فنڪارن جو به روزگار سٺو ٿيندو هيو.

هتي ان دور جي ڪن اهم ۽ خاص ڪري اسان جي اتر سنڌ جي مشهور عوامي شاعرن جو ذڪر ڪجي ٿو:

## شيرل بيوس باڍاهي (1921ـ1956)



هيءُ باڊهه (لاڙڪاڻي ضلعي) جو مشهور عوامي شاعر هيو. جنهن جو ان دور جي ٻين شاعرن تي به اثر ٿيو. سنڌس هڪ ڪافي نموني طور هتي ڏجي ٿي:

**فلمي طرز: افسانا لک رهي هون دل بيقرار کا**

سنڌي ڪافيءَ جي جديد عوامي دور جي شروعات 1950 جي ڏهاڪن کان ٿي، ۽ ان ڌارا جو عروج 1960 ۽ 1970 جي ڏهاڪي تائين رهيو. اها هڪ حقيقيت آهي ته انهيءَ دور ۾ سنڌ جي نج لوڪ ڌنن يا موسيقارن جي تخليق ڪيل نين طرزن جي جاءِ تي اڳ مشهور ٿيل فلمي طرزن تي شاعرن پنهنجون ڪافيون ۽ ڪلام لکڻ شروع ڪيا. جيئن ته اهي فلمي طرزون وڏن موسيقارن جون ٺهيل هيون ۽ فلمي ذوق سبب ماڻهن ۾ مقبول به گهڻيون هيون.

**بيوس باڍاهيءَ جو ڪلام:**

افسانو اڄ آ آيو پرينءَ جي ته پار جو
پلپل پڙهان ٿو خطڙو دلدار يار جو.

## هوت فقير:

هيءُ گهوٽڪيءَ جو هيو. ٽانگو هلائيندو هيو. فقيري خيال جو هيو. فلمي طرز تي لکيل سنڌس هي ڪلام ڏاڍو مشهور ٿيو:

## فلمي طرز: ڇوڙ بابل ڪا گهر موهي پي ڪي ننگر آج جانا پڙا

**هوت فقير جو ڪلام:**

ڳوليان جبل جهنگل
پسان پنهنجو پنهل
ڪاهي ڪيچ وڃان.

## غوثل ميراڻي (1934ـ1974)

هيءُ هنگوري، تعلقي پني عاقل جو هيو. فلمي طرز تي لکيل سنڌس هيءُ ڪلام ڏاڍو مشهور آهي:

***فلمي طرز: ميرا ڇوٽا سا گهر ميرا سنسار هي***

## غوثل ميراڻيءَ جو ڪلام:

منهنجو دارو دوا تنهنجو ديدار آ
ڏيکارڻ حڪيمن کي بيڪار آ

دوا ڪانه ٿيندي منهنجي درد جي
حڪيمن کي کهڙي خبر مرض جي
ته کهڙي هي مرض جو بيمار آ.



اميج ايڪسپريس ٽربيون تان ورتل

## ولي دائودپوٽو (1922ـ1979)

هيءُ شڪارپور ۾ ڄائو ۽ سکر ۾ رهيو، جتي سونارڪو ڪم ڪندو هيو. راقم جي والد جو دوست هيو. ڪافيءَ جو مشهور شاعر هيو. پوءِ جديد شاعريءَ ۾ سنڌس سٺو حصو شامل رهيو. سنڌس مشهور ڪافيون آهن:

"ٻڌائي ڪو مون کي ڪٿي يار آهي،
ڪيو جنهن سان منهنجن اکين پيار آهي."



***فلمي طرز: اب تو آجائو صنم الفت کماري رو ديئي***

**ولي دائودپوٽي جو ڪلام:**

"اڄ تون هاڻي درد وارن جو نه دم نڪري وڃي
بيڪسن ۽ بي سهارن جو نه دم نڪري وڃي." ■

# رڪيل مورائي: مينڻ بتين جي آس پاس

نصير سومرو



رات جو پردو هڪ پراڻي ڪپڙي جهڙو، نرم ۽ ڳاڙهو، چانڊوڪيءَ جي اوچتو ظاهر ٿيندڙ تارن جي موتين سان سينگاريل هو. هر تارو ڄڻ ڪنهن پراڻي داستان جو حرف هجي، جيڪو وقت جي ڪتاب مان آهستي آهستي ڪڍي پيش ڪيو وڃي. اپريل جا نرم وسڪارا، هلڪي ٿڌاڻ جي لمس، هوا ۾ پکي جي نرم پرن وانگر ڦهلجي رهيا هئا. اهو وقت نه رڳو هڪ رات جو هو، پر اتهاس جي هميشه ڪان هلندڙ وهڪري جو هڪ لمحو به محسوس ٿي رهيو هو.

هر سالگره تي، جڏهن هڪ ننڍڙي مينڻ بتي ٻاري وڃي ٿي ته اها هڪ مينڻ بتي نه هوندي آهي_ پر هڪ پوري سپيتا جي ياد، هڪ اتهاس جي ڌارا، ۽ هڪ انسان جي خاموش خواهش جو اظهار هوندو آهي. وقت گذرندو رهندو، رسمون بدلجنديون رهنديون، پر روشنيءَ جو اهو ننڍڙو شعلو امر رهندو _ انسان جي اندر، سندس ڪهاڻين ۾ ۽ سندس خوابن ۾. رڪيل مورائيءَ جهڙا اديب انهن شعلن کي لفظن ۾ قيد ڪندا رهندا _ جيئن ايندڙ نسل ڄاڻي سگهن ته هڪ ننڍڙي مينڻ بتيءَ ۾ ڪيترين وڏيون ڪهاڻيون لڪل آهن.

ڪمري جي وچ ۾ هڪ پراڻي ساڳوان جي ميز رکيل هئي، جنهن تي بمبئي بيڪري جو دلڪش ڪيڪ رکيل هو. مٿان لڳل مينڻ بتيون خاموش هيون، ڄڻ ڪنهن پل جي انتظار ۾ هجن _ پل، جڏهن روشني لاٽ ٿئي نه، پر يادگيريون، خواهشون ۽ دلين جي ڪومل جذبن سان ڳنڍجي وڃي.

رڪيل ٻيٺو هو، هڪ اديب، هڪ خواب ڏسندڙ، جيڪو لفظن جو مسافر هو. سندس نگاه آسمان تي هئي، جتي چنڊ اڌ لڪيل هو ۽ آسمان جا تارا پنهنجي سنهري روشنيءَ سان رات کي سجائي رهيا هئا. هن آهستي چيو:

”تو ڪڏهن سوچيو آهي؟ روشني جو جنم ڪڏهن ٿيو هوندو؟“

مون خاموشي اختيار ڪئي، شايد ان ڪري ته ڪجهه سوال لفظن ۾ نٿا اچي سگهن.

رڪيل آهستي ميز ڏانهن وڌيو، ڪيڪ تي ايستاده هڪ مينڻ بتي کي ٻاريو. شعلي جو جنم ٿيو _ ننڍڙو، نرم، پر زنده. پوءِ ٻي، پوءِ ٽئين... ٿوري ئي دير ۾ سڄو ڪمرو سنهري روشنيءَ سان ڀرجي ويو، ڄڻ تاريخ ۽ حال هڪ ئي لمحي ۾ ملي رهيا هجن.

”هيءَ رڳو اڄ جي رسم ناهي،“ رڪيل چيو، ”هيءَ صدين جي سار آهي.“

هو ٿورو رڪيو، ڄڻ ڪنهن پراڻي زماني ۾ داخل ٿي ويو هجي.

”قديم يونان ۾ ماڻهو چنڊ جي ديوي آرٽيمس لاءِ گول ڪيڪ ٺاهيندا هئا. انهن ڪيڪن تي مينڻ بتيون ٻاريندا هئا، جيئن چنڊ جي روشنيءَ جو عڪس پيدا ٿئي. انهن جو ويساهه هو ته روشني ديوتائن تائين پهچڻ جو ذريعو آهي.“

مون مينڻ جي ٽم ٽم ٽانڊاڻن ڏانهن ڏٺو. انهن ۾ هڪ عجيب طاقت هئي _ وقت جي پردي کي چيري سگهڻ جي صلاحيت رکندڙ.

”۽ جڏهن اهي مينڻ بتيون وسائيندا هئا، ته دونهون آسمان ڏانهن اڏامندو هو. انهن جو خيال هو ته اهو دونهون سندن خواهشن کي ديوتائن تائين کڻي وڃي ٿو.“

ڪمري ۾ خاموشي پکڙجي وئي. شعلن جا ٽانڊاڻا آهستي آهستي لوڏا کائي رهيا هئا، ڄڻ ڪنهن پراڻي راڳ تي نچندا هجن.

”پر يونان ئي نه،“ رڪيل وري چيو، ”اسان جي پنهنجي ڌرتيءَ تي به روشنيءَ جا پنهنجا قصا آهن.“

هن دريءَ ڏانهن ڏٺو، ڄڻ سنڌوءَ جي ڪنارن کي ياد ڪري رهيو هجي.

”سنڌو ماٿري جي تهذيب ۾ ماڻهو ڏيئا ٻاريندا هئا. انهن لاءِ روشني ڏسڻ لاءِ نه، پر مراد پوري ٿيڻ لاءِ هئي. پاڻيءَ جي ڪنارن تي، گهرن جي اڱڻن ۾، مندرن ۾ _ هر هنڌ ڏيئا روشن ڪيا ويندا هئا.“

مون تصور ڪيو _ سنڌو درياهه، جنهن جي ڪنارن تي ننڍڙا ڏيئا ٻري رهيا آهن، ۽ انهن جي روشني پاڻيءَ تي ٽمڪي رهي آهي. اهو منظر ڪنهن خواب کان گهٽ نه هو.


”روشني هميشه انسان سان گڏ رهي آهي،“ رڪيل چيو، ”چا يونان ۾، چا سنڌ ۾، فرق نالن جو آهي. رسمون ٿوريون مختلف آهن، پر احساس ساڳيو آهي_ اونداهيءَ کي مات ڏيڻ.“

مون آهستي چيو، ”۽ خواهشون؟“

رڪيل مون ڏانهن ڏٺو. سندس اکين ۾ روشني هئي.

”خواهشون ئي انسان کي انسان بڻائين ٿيون. اهي ئي آهن، جيڪي اسان کي وقت سان ڳنڍين ٿيون_ گڏريل هزارين سالن جي انهن ماڻهن سان، جيڪي اسان کان اڳ روشني ٻاري چڪا آهن.“

هو ميز وٽ ويٺو. ڪجهه لمحن لاءِ خاموشي ڇانيل رهي. پوءِ هن چيو:



”سوچ، هڪ يوناني ماڻهو، هزارين سال اڳ، آرٽيمس جي مندر ۾ بيٺو آهي. هن هڪ ڪيڪ رکيو آهي، ان تي مينڻ بتين ٻاريون آهن، ۽ هو خاموشيءَ سان دعا ڪري رهيو آهي. ساڳئي وقت، سنڌوءَ جي ڪناري تي هڪ ٻيو ماڻهو ڏيئو ٻاري رهيو آهي. شايد هن وٽ ڪيڪ ناهي، نه ئي ديوي آرٽيمس جو تصور، پر هن وٽ به هڪ خواهش آهي. اهي ٻئي خواهشون، پلي هزارين ميلن ۽ صدين کان جدا هجن، پر هڪجهڙيون آهن _ بهتر زندگي جون، اونداهي کان نجات جون.“

ڪمري ۾ شعلا وڌيڪ تيز ٿي ويا، ڄڻ انهن ٻنهي منظرن کي هڪ ئي وقت ۾ زنده ڪري رهيا هجن.

”انسان بدلجي ويو آهي،“ رڪيل چيو، ”پر سندس اندر جو خال اڃا ساڳيو آهي. هو اڃا به ڪجهه ڳولي رهيو آهي _ روشني، اميد، يا پاڻ کي.“

مون محسوس ڪيو ته هي بس هڪ سالگره جو منظر نه هو. اهو وقت، تهذيب، ۽ احساسن جو هڪ سنگم هو، جتي هڪ ننڍڙو ڪيڪ ۽ چند مينڻ بتيون سڄي انساني تاريخ جو بار کڻي بيٺيون هيون.

”اڄ جڏهن تون مينڻ بتين وسائين ٿو، تون اڪيلو نه آهين. توسان گڏ يونان جا پراڻا ماڻهو به آهن، سنڌ جا ڏيئا به، ۽ هزارين سالن جون خواهشون به آهن. تون ان زنجير جي ڪڙي آهين، جيڪا ڪڏهن شروع ٿي ۽ ڪڏهن ختم نه ٿيندي.“

هو آهستي اٿي بيٺو.

”هاڻي وقت آهي.“

مون ڏٺو، هن اکيون بند ڪيون. ڪمري ۾ مڪمل خاموشي هئي. پوءِ هڪ ئي ڦوڪ سان سڀ مينڻ بتيون وسائي ڇڏيائين.

دونهون مٿي اڏاميو —— هلڪو، نرم، ۽ پراسرار. اهو دونهون رڳو هوا ۾ نه هو، پر وقت ۾ سفر ڪري رهيو هو——قديم يونان کان سنڌ تائين، ڊيلفي کان موهن جي دڙي تائين ۽ اتان کان اڄ تائين.

”ڇا تو محسوس ڪيو؟“ رڪيل پڇيو.

”ڇا؟“

”ته خواهش اڪيلي نه آهي. هن ڪمري ۾ هاڻي اسان ٻه نه آهيون، پر هزارين سالن جون يادگيريون ۽ اميدون به آهن.“

ڪمرو اونداهو ٿي ويو، پر مون کي لڳو اندر ڪٿي هڪ روشني اڃا ٻري رهي آهي.

شايد اهو يونان جو شعلو هئو.

شايد سنڌ جو ڏيئو هئو.

يا شايد انسان جي پنهنجي دل هئي.

هر سالگره تي، جڏهن هڪ ننڍڙي مينڻ بتي ٻاري وڃي ٿي ته اها هڪ مينڻ بتي نه هوندي آهي_ پر هڪ پوري سپيتا جي ياد، هڪ اتهاس جي ڌارا، ۽ هڪ انسان جي خاموش خواهش جو اظهار هوندو آهي.

وقت گذرندو رهندو، رسمون بدلجنديون رهنديون، پر روشنيءَ جو اهو ننڍڙو شعلو امر رهندو_انسان جي اندر، سندس ڪهاڻين ۾ ۽ سندس خوابن ۾.

رڪيل مورائيءَ جهڙا اديب انهن شعلن کي لفظن ۾ قيد ڪندا رهندا—— جيئن ايندڙ نسل ڄاڻي سگهن ته هڪ ننڍڙي مينڻ بتيءَ ۾ ڪيترين وڏيون ڪهاڻيون لڪل آهن.

رڪيل،اڳواٽ جنم ڏڻ جون واڌايون. ■



خادم بالادي جي سياڻي 6 اپريل 2026 تي 46هين سالگره آهي

# نثري نظم جي بهترين شاعر، مضمون نگار ۽ نقاد خادم بالاديءَ جو سفر

خالد ’ساحل‘ ڪيريو



سنڌ جي تاريخي شهرن مان مورو شهر علم، ادب ۽ ثقافت جي حوالي سان هڪ اهم حيثيت رکي ٿو. هي شهر رڳو واپار يا رهائش جو مرڪز نه، پر فڪر، شعور ۽ تخليق جو به هڪ سرگرم مرڪز رهيو آهي. هن شهر جي مٽيءَ ڪيترن ئي شاعرن، اديبن ۽ نقادن کي جنم ڏنو آهي، جن سنڌي ادب جي واڌاري ۾ پنهنجو نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. هن شهر ۾ سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين ادبي تنظيمن جي سرگرمين نوجوان نسل کي ادب ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ انهن جي فڪري تربيت ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. نتيجي طور مورو شهر نه رڳو تخليقي ادب، پر تنقيدي ادب ۾ به اهم حيثيت جي صورت ۾ سامهون آيو آهي. اهڙي علمي ۽ ادبي ماحول مان باصلاحيت شاعر ۽ نقاد؛ سائين خليق ٻگهيو ۽ خادم بالادي به اڀريا آهن، جن جديد سنڌي ادب ۾ پنهنجي فڪر، اسلوب ۽ تخليقي صلاحيتن جي ذريعي منفرد سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي.

خادم بالادي 6 اپريل 1980ع تي موري شهر ۾ استاد بخشل خان بالادي جي گهر ۾ جنم ورتو. تعليم جي حوالي سان هو ايم اي سنڌي آهي. روزگار جي حوالي سان سوشل سيڪٽر ۾ ملازمت ڪري ٿو. سال 1990ع کان ادب ۾ پير پائيندڙ خادم بالادي هن وقت تائين نثري نظم ۽ تنقيد نگاريءَ ۾ پنهنجو الڳ مقام ناهيو آهي. هيءُ هڪ حساس ۽ علم دوست، شاعر ۽ نقاد آهي. سندس شخصيت ۾ سنجيدگي، مطالعو، سچائي ۽ سماجي ذميواريءَ جو احساس نمايان نظر اچي ٿو. ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ ڏانهن سندس لاڙو رهيو. ڪتابن سان سندس دلچسپي وقت سان گڏ وڌندي وئي، جنهن سندس فڪري شخصيت جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

نوجوانيءَ ۾ ادبي ماحول سان سندس وابستگي ٿي، جڏهن هو موري جي ادبي گڏجاڻين ۽ سنڌي ادبي سنگت سان ڳنڍيو. اتي ڪيس ڪيترن شاعرن ۽ اديبن سان ويجهڙائي حاصل ٿي، جن سندس ادبي شعور کي پختو ڪيو.

1990ع واري ڏهاڪي واري دور ۾ مورو شهر ادبي سرگرمين جو اهم مرڪز هو، جتي نوجوان شاعرن ۽ اديبن کي سکڻ ۽ لکڻ جا موقعا ملندا رهيا. ادبي سنگت ۾ شرڪت دوران خادم نه رڳو شاعري شروع ڪئي، پر منجهس تنقيدي سوچ به پيدا ٿي. سندس فڪري سوال ۽ بحث مباحثا ٻين اديبن کي به مطالعي ڏانهن مائل ڪرڻ لڳا.

خادم بالادي، ادبي حلقن ۾ هڪ سنجيده مزاج، بحث مباحثي کي پسند ڪندڙ ۽ دليل سان ڳالهائڻ واري فرد طور سڃاتو ويندو آهي. سنڌي ادبي سنگت موري ۾ پڻ سندس ڪردار نهايت اهم رهيو آهي. هن نه صرف هڪ سٺي ڳالهائيندڙ نقاد طور پنهنجي حيثيت مڃرائي آهي، پر هڪ سرگرم ادبي ڪارڪن ۽ عهديدار طور به ادبي سرگرمين کي هٿي ڏني آهي. سنگت جي گڏجاڻين ۾ سندس تنقيدي اظهار انتهائي اثرائتو رهيو آهي. جڏهن هو ڪنهن لکڻيءَ جو جائزو وٺندو آهي ته سندس ماهراڻي راءِ متاثر ڪندڙ هوندي آهي.

خادم جي فڪري تشڪيل ۾ سندس ساٿين ۽ علمي دوستن جو به اهم ڪردار رهيو آهي، جن ۾ خليق ٻگهيو، امداد سولنگي، وقار سيال، علي رضا حب ۽ ميڪش سومرو شامل آهن. انهن ساٿين سان علمي بحثن ۽ ادبي ويهڪن سندس سوچ کي وڌيڪ پختو ۽ وسيع بڻايو. هن ساختيات، پس ساختيات ۽ جديد تنقيدي نظرين ۾ پڻ گهري دلچسپي ڏيکاري ۽ انهن تي بحث مباحثن ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. هن جي شخصيت ۾ هڪ دانشور واري فڪري پختگي موجود آهي، جيڪا سندس لکڻين ۽ تنقيدي راءِ ۾ به نظر اچي ٿي. هو ادب کي سماج جي سڌاري جو ذريعو سمجهي ٿو ۽ پنهنجي قلم ذريعي سماجي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سوشلسٽ خيالن کان متاثر ٿيڻ خادم جي فڪري سفر ۾ هڪ اهم موڙ ثابت ٿيو. انهن خيالن نه رڳو ڪيس ادب ڏانهن راغب ڪيو، پر اهي ڪيس سماجي حقيقتن جي شعوري ادراڪ ڏانهن پڻ وٺي آيا. نتيجي طور هو شاعريءَ کان فلسفي ۽ فلسفي کان مضمون نگاريءَ ڏانهن آيو، جتي هن پنهنجي فڪر کي وڌيڪ منظم ۽ دليلن سان پيش ڪيو.

خادم بالادي بنيادي طور تي نثري نظم جو شاعر آهي. سندس شاعري جديد سنڌي نثري نظم جي صورت واري آهي، جتي هو پنهنجي احساسن، خيالن ۽ مشاهدي کي آزاد اسلوب ۾ بيان ڪري ٿو. هن پنهنجي نثري نظمن ۾ انساني زندگيءَ جي مختلف پهلوئن، سماجي مسئلن ۽ داخلي احساسن کي موضوع بڻايو آهي. سندس نظمن ۾ فڪري گهرائي، علامتي انداز ۽ سماجي شعور نمايان نظر اچن ٿا. هو روايتي شاعريءَ جي پابندين کان هٽي ڪري آزاد اسلوب اختيار ڪري ٿو، جنهن ۾ لفظن جي سادگي ۽ خيالن جي گهرائي موجود آهي.

سندس نثري نظم ”اڌ“ ۾ داخلي احساس، سماجي شعور ۽ وجودي بيچيني هڪ ٻئي سان ڳنڍيل صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا. ”چمڙي جي روح،“ ”فحاشي جا پوسٽر ناهڻ“ ۽ ”ڪرب جي سرحد“ جهڙا گهڻ معنائن وارا استعارا، علامت نگاري، خيال جي رواني، داخلي وحدت ان نظم جون اهم خوبيون آهن. اهو نظم انسان جي داخلي ڪيفيت، سماجي بيحسي، اخلاقي زوال ۽ اظهار جي پابندين جو هڪ گهرو عڪس پيش ڪري ٿو. اهو نظم هتي ڏجي ٿو.

.چمڙي جي روح ۾
زندگي پوکڻ جو فن
آئون نٿو ڄاڻان.
آئون ته بس
ايترو ڄاڻان ٿو.
پکين جي ڇهنب مان.
وهندڙ رت سان.
فحاشي جا پوسٽر ناهڻ وارا
ڪڏهن به ناهن مرندا.
ان ڪري.
مان پاڻ کي
ڪرب جي سرحد تي اڇلي
تو وٽ موٽي آيو آهيان.
تون پنهنجين
بليو ڪرڪس وارين
نيرين اکين سان
مونکي ڏکي ڇڏ.
ڇوته
مان پنهنجي سموري شڪست
وسارڻ چاهيان ٿو.
مون پنهنجي هر لفظ کي
رهزن جي بندوق سمجهي.
ٿائون جي ميڙ روٽ
جمع ڪرائي ڇڏيو آهي.“

خادم بالادي مضمون نويسيءَ ۾ تنقيدي ۽ فڪري مضمون لکيا آهن، جن ۾ داخلي رنگ به آهي ته معلومات جو خزانو به آهي. سندس مضمون ”محبت جو جمالياتي ادراڪ“ نئون نياپو رسالي ۾ 2007ع ۾ ڇپيو هو. ساڳئي سال ساڳئي رسالي ۾ فلسفي تي مبني هڪ ٻيو مضمون ”وجوديت“ ڇپيو هو، جنهن ۾ هن وجوديت، جوهر، ڏهڪاءَ وغير کي نهايت ئي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي. سندس ٻين مضمونن ۾ ”انساني صداقتن جو شاعر شيخ اياز،“ سنڌ ويلي 2007ع ۾ ۽ رضا لانگاه جي شعري مجموعي ”دعائون نند مان جاڳيون“ تي هڪ تجزياتي مضمون ماهوار ناٽڪ ڪراچي (2014ع) ۾ ڇپيو. هن پنهنجي فلسفياڻن خيالن کي سلجهيل انداز ۾ مضمون جي اسلوب ۽ بيان ۾ لکيو آهي.

لطيف شناسيءَ جي موضوع تي فڪري نوعيت جو مضمون ”ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ دائمي سرگرميءَ جو شعور“ 2012ع ۾ نئون نياپو رسالي ۾ ڇپيو هو. ان ۾ هن دائمي سرگرمي جي فلسفي کي ڀٽائي جي شاعريءَ مان دريافت ڪيو آهي. ان سان گڏ هن ڀٽائيءَ جي سر ڪاهوڙي کي مسلسل جدوجهد جي علامت بڻائي ڀٽائيءَ جي فڪر جي شعوري ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. ساڳئي رسالي ۾ فيبروري 2016ع ۾ سندس هڪ ٻيو مضمون ”ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ مظلومن جي تدريس“ ڇپيو. خادم جي نظر ۾ ادب ۽ آرٽ مظلومن جي تدريس آهن. مضمون ۾ هن تعليم جي بينڪاري، سرمائيداراڻي تصور ۽ حقيقي تعليم جي تصور ۾ امتياز ڪندي ادب کي مظلومن جي حقيقي تدريس ڄاڻايو آهي. ساڳئي رسالي ۾ هڪ ٻيو مضمون ”ڀٽائيءَ جي انقلابي عمرانيات“ 2017ع ۾ عوامي آواز جي سنڌي مئگزين ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ هن عمرانيات جي جديد فڪر کي اڳيان رکي ڀٽائيءَ جي شاعري کي پنهنجي منفرد انداز کان سائنسي، فڪري ۽ شعوري طرح سان سماج جي متحرڪ تصورن ۽ انهن جي محرڪاتن جو تجزيو ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري معلومات ڏني آهي.

جديد نظم جي حوالي سان هن علي آڪاش جي نظمن جي تجزيي ۾ نظمن جي متن جي ڇنڊ ڇاڻ، ان جي جمالياتي بصيرت، شعري حسناڪين، فن توڙي فڪر جي نشاندهي ڪئي آهي. ان کان علاوه هن سرواڻ سنڌي جي نظمن جي جائزي جي حوالي سان ”جديد نظم جو ڊسڪورس“ مضمون ۾ جديد نظم جون فني، فڪري ۽ لسانياتي خوبيون، هيئت، ڊڪشن ۽ ٻين مختلف پهلوئن تي روشني وڌي آهي.

خادم بالادي جي ادبي شخصيت جو هڪ اهم پاسو سندس تنقيد نگاري آهي. هو ادب کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ ان جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ تنقيدي سوچ کي ضروري سمجهي ٿو. سندس تنقيدي لکڻين ۾ دليل، تجزيو ۽ فڪري وضاحت نمايان نظر اچي ٿي. هو نون شاعرن ۽ اديبن جي لکڻين تي به تنقيدي نظر وجهندو رهيو آهي ۽ ادبي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجا خيال پيش ڪندو رهيو آهي. سندس تنقيد جو انداز تعميري آهي، جنهن ۾ خامين جي نشاندهي سان گڏ سڌاري جا پهلو به بيان ڪيا ويندا آهن. تنقيد نگاريءَ ۾ هو منطقي تجزيي، فڪري وضاحت، ادب جي سماجي حيثيت تي زور ۽ نون لاڙن جي سڃاڻپ تي زور ڏيندو رهيو آهي.

خادم مسلسل مطالعي وسيلي پنهنجي علمي سرمايي ۾ واڌاري ڪرڻ سان گڏ فلسفي، سائنس، سماجيات، سياست، عالمي ادب ۽ اردو ادب تي پڻ لکندو رهيو آهي. خادم نه صرف نرم دل، محبت ڪندڙ ۽ دوستن سان وفادار انسان آهي، پر هو حق جي ڳالهه ڪرڻ ۾ به بيباڪ آهي. سندس مزاج ۾ محبت ۽ مزاحمت ٻنهي جا رنگ موجود آهن. هيءُ پنهنجي امڙ سان بيحد محبت ڪندڙ انسان رهيو آهي. سندس شخصيت ۾ ماءُ جي تربيت ۽ دعائن جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. ماءُ جي وفات باوجود ان جون يادون ۽ محبت سندس روين ۾ زنده محسوس ٿينديون آهن. هو دوستن سان گهڻو وقت گذارڻ، گفتگو ڪرڻ ۽ کل ڀوڳ ذريعي زندگيءَ جي تڪليفن کي هلڪو ڪرڻ جو قائل آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي هن بهترين شاعر، مضمون نگار ۽ نقاد جي سڀاڻي 6 اپريل جي سالگره آهي، جنهن جون کيس مبارڪون ڏجن ٿيون. ■

خادم بالادي، ادبي حلقن ۾ هڪ سنجيده مزاج، بحث مباحثي کي پسند ڪندڙ ۽ دليل سان ڳالهائڻ واري فرد طور سڃاتو ويندو آهي. سنڌي ادبي سنگت موري ۾ پڻ سندس ڪردار نهايت اهم رهيو آهي. هن نه صرف هڪ سٺي ڳالهائيندڙ نقاد طور پنهنجي حيثيت مڃرائي آهي، پر هڪ سرگرم ادبي ڪارڪن ۽ عهديدار طور به ادبي سرگرمين کي هٿي ڏني آهي. سنگت جي گڏجاڻين ۾ سندس تنقيدي اظهار انتهائي اثرائتو رهيو آهي. جڏهن هو ڪنهن لکڻيءَ جو جائزو وٺندو آهي ته سندس ماهراڻي راءِ متاثر ڪندڙ هوندي آهي.

کتاب: کلا جو بدن (شاعري) _ شاعر: رجب ٻگهيو

# اَيڇڙي ٿر جي ڇِلڪندڙ واريءَ جهڙي اجري شاعري

رجب ٻُگهيو هڪ اهڙو سگهارو شاعر آهي، جنهن پنهنجي دؤر جَي شاعرن جي هُجوم ۾ به پنهنجي ڌار سُڃاڻپ برقرار رکي آهي، خاص طور تي غزل جي سرسبز سرزمين تي سندس بي پناهه تخليقي جوهر پَسِي سگهجن ٿا، جن جي بيباڪ اظهار ۾ فڪري پُختگي ۽ نغمگي ڪمال درجي جي آهي. تازو سندس شاعريءَ جي ٻئي مجموعي "ڪَلا جو بَدن" ۾ سندس غزل، گيت، وايون، نظمُ، ڏيڍ سِٽا، هائيڪا، چَئوسٽا ۽ ترائيل ڏنل آهن.

امر ساهڙ



1990ع وارو ڏهاڪو ريڊيَي جي عُروج جو ڏهاڪو هو. ريڊيَي پاڪستان جي نئين طِرز نشريات ٻڌندڙن ۽ ريڊيَي وارن جي وچ مان دُوريءَ جون سيئي ديوارون ختم ڪري ڇڏيون هيون. ايئن لڳندو هو ڄڻ آمهون سامهون ويٺل هُجون ۽ پنهنجي پسنديده ڪمپيئرز جو آواز ٻُڌڻ لاءِ هفتي جو انتظار به هڪ صديءَ جيترو لڳندو هو. پر جڏهن اُنهيءَ اوسيئڙي پُڄاڻان دلپسند ميزبان ريڊيَي جي مائيڪ تان مُخاطب ٿيندو هو ته سڄي هفتي جي انتظار جا ٿَڪ هڪ ئي لحظي ۾ لهي ويندا هئا.


سنڌ ۾ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن سيني کان گوءِ کٽيو بيٺي هُئي، ڇو جو حيدرآباد ريڊيَي تي سنڌ جا سُريلا ليکڪ، شاعر، ڪهاڻيڪار، اديب ۽ ٻيا مشهور آرٽسٽ پروگرام ڪندا هُئا، جن ۾ ٽي. ايڇ. لاڙ، ڪاڇي ۽ ناري سميت سمُوريءَ سنڌ جا ڪِرمِچي رنگ ڪَنا هُوندا هئا، خاص طور تي سائين ماڪن شاهه رضوي، نصير مرزا، بخشڻ مهراڻوي، زيب سنڌي، امين ارباب، ڪوثر ٻُرڙو، شبنم گل، جيجي زرينه بلوچ ۽ ڪوڙ سارا ٻيا آواز سنڌ جي فضائن ۾ مَروُئي جي مَهڪ بڻجي گُونجندا هُئا، ته ڄڻ محبت جي ماريل، دردَ وَندين دلين تي پيار جا ڀَها رکندا هُئا.


ماڪن شاهه رضوي زماني ساز ماڻهو هو. ڪيس خبر هُئي ته سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي عوام جي واحد وندر ريڊيو ئي آهي، تنهن ڪري موسيقي ۽ شاعريءَ جو شوق به انهن کي ئي گهڻيرو آهي.

سو پاڻ مشهور ترين سلسلو "سُرهي سُرهي سوچ" شروع ڪيائين، جنهن ۾ سڄي سنڌ جي ڪِريم جو ڪاڪ ٽيل ٻڌائي پيش ڪيائين. ماڪن شاهه رضويءَ ۽ زيب سنڌيءَ جي علمي ۽ ادبي پروگرامن ۾ گهڻو ڪري جديد ٿهيءَ جي شاعرن جي ئي شاعري شامل ٿيندي هُئي، خاص طور تي ايوب ڪوسو، ديدار شاهه، حليم باغي، حاجي ساند، سائينداد ساند، احمد سولنگي، واجد منگي، آڪاش انصاري، ادل سومرو، اياز گل ۽ ڪوڙ سارن ٻين شاعرن سان گڏ رجب ٻُگهيَي جي شاعري به اڪثر شامل ٿيندي هُئي. سندس خوبصورت غزل اُنهيءَ وقت به ڏِيان ڇڪائيندڙ هُوندا هُئا. ته دؤرِ حاضر ۾ به سندس شاعريءَ ۾ ساڳئي تخليقي تازگي ۽ جَوان جذبن جا جَلترنگ وَڄي رهيا آهن.

رجب ٻُگهيو اُنهيءَ دؤر جي ٿَهيءَ جو هڪڙو برجَستو ۽ بيحد حَسين شاعر هُئڻ سبب سندس شاعري ان وقت جي مقبول ۽ معياري ادبي رسالن ۾ به مُسلسل شايع ٿيندي رهندي هُئي. ڊگهي عرصي ڪانپوءِ تقريبن سال 2013 ڌاري سندس غزلن جو ڪتاب "خواب آئينا ٿيا" ڇپيو هو. جنهن به ادبي حلقن ۾ چڱي خاصي مقبوليت ماڻي هُئي. اِها سندس سدا ملوڪ شاعريءَ جي سُندرتا هُئي، جنهن ڪيس جلد ئي هڪڙي ڪامياب شاعر طور مڃتا ڏياري هُئي. رجب ٻُگهيو مسلسل لکندڙ هڪ اهڙو سگهارو شاعر آهي، جنهن پنهنجي دؤر جي شاعرن جي هُجوم ۾ به پنهنجي ڌار سُڃاڻپ برقرار رکي آهي، خاص طور تي غزل جي سرسبز سرزمين تي سندس بي پناهه تخليقي جوهر پَسِي سگهجن ٿا، جن جي بيباڪ اظهار ۾ فڪري پُختگي ۽ نغمگي ڪمال درجي جي آهي.

تازو سندس شاعريءَ جو ٻيو مجموعو "ڪَلا جو بَدن" امرتا پبليڪيشن ڇَپجي پڌرو ڪيو آهي. شاعريءَ جي هِن گلستان ۾ سندس غزلن، گيتن، واين ،نظمُن، ڏيڍ سِٽن، هائيڪن، چَئوسٽن ۽ ترائيلن جا رنگبرنگي گل ٽڙيل پکڙيل آهن. هر گُل جي پنهنجي خُوشبوءِ آهي، پنهنجو حُسن آهي، پر سندس غزلن وارو گُلدستو نهايت ئي سگهارو ۽ عاليشان آهي. سندس غزلن جي گَرٻيءَ جهڙي






تاجي پيٽي ۾ ڪلاسڪ توڙي جديديت جي آهنگ سان فني ۽ فڪري لحاظ کان هڪڙو پورو جمالياتي جَهان جَڳمَڳائي رهيو آهي. موضُوعن جي فراواني، رڌم ۽ رواني سندس غزلن جي سگهاري سُڃاڻپ آهي، پر محبت ڄڻ ته هن جي شاعريءَ جو منشُور آهي.

جنهن ۾ محبوب جي مُرڪَ، وِڇوڙي جا ورلاپَ، جُدائيءَ جِي جهوري، اوسيئڙي ۽ انتظار جي ڪَرب واري ڪيفيت به آهي، ته مِلڻ جي مُند ملهاريءَ جي مهڪ ۽ وصالِ يار جي ڏکڻ جي هير جهڙو هُڳاءُ به آهي، وطن سان وفا جو وَچنُ بہ آهي، ته مِٽيءَ جَي ماڻهن سان محبت جي اُپٽار به آهي، ديس جي دردن جو ڳڻتي ۽ ڳاراڻو به آهي، ته سنڌ جي شاندار آئيندي جا سُندر سپنا به ڪَلا بُوتَ جيئن ڪَڙيل آهن.

وڏي ڳالهه اِها آهي ته، اَيڇڙي ٿر جي ڇِلڪندڙ واريءَ جهڙي هِن جَي اُجريءَ شاعريءَ تي ڪو به هٿَ ٺوڪيو اثر ڪونهي. سنڌ جي سُرمَئي شامن جهڙا سانورا خيال هِن جي پنهنجي "ڪَلا—ڪَدي" جِي ئِي سدا بهار پيداوار آهن، جن ۾ نه لفاظيءَ جو اجايو لُٽ آهي، نڪو موضُوعن ۾ ڪا مَصنوعي مِلاوٽ، نه پَراوَن خيالن جي خُردبُرد آهي، ۽ نه ئي ڪنهن شاعراڻي صنف جي هِيئت سان هٿ چُراند يا هيرا ڦيري ٿيل آهي، پر زندگيءَ جا هڙئي حُسناڪ رنگ ۽ رعنايون سندس جياپي جي نياپي جهڙي شاعريءَ ۾ ساهه کڻندي محسوس ٿين ٿيون.

جديد سنڌي شاعريءَ جي کُڙکُٻيتن جهڙي هاڻوڪيءَ کيپَ ۾ به رجب ٻُگهيو پنهنجي شاعراڻي وجود جَي سادگي ۽ سچائيءَ سان ساڳئي پَد تي پير ڄَمائي بيٺل نظر اچي ٿو. اِها ڪاميابي ڪِن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن خوشنصيب شاعرن جي مُقدر ۾ ئي ايندي آهي. رجبُ ٻُگهيو رَيٽي مَلير جهڙين رچنائن جو رنگريز شاعر آهي، جنهن پنهنجي ذات جي مَهاڪات سان سيئي ڏِسائون رڱيون آهن. سندس شاعريءَ جي مَئڪَدي مان جنهن به چُڪي چَکي آهي، تنهن کي ئي سندس ڪَوتائُن جي پُر اثر ۽ پُر ڪيف اسرارن جي پَروُڙ هُوندي.

سندس شاعريءَ جَي هِن نئين ڪتاب "ڪَلا جو بَدن" جَي ڪَٽڪَ _ رنگي ڪَئنواس تي نهايت ئي نيارا، نفيس، دلڪش ۽ دل آويز شاعريءَ جا رنگ رتا روهيڙا پَسِي حُسن جي هيراڪُ ۽ پرهَ جي پياڪُ اکين جا سمورا ٿَڪ لهي وڃن ٿا. شرطِ اِهو آهي ته ماڻهوءَ جي شاعراڻي اک ڪنهن ڪيني ۽ بُغض جَي بيماريءَ کان بچيل هُجي.

هي رجب ٻگهئي جي ڪجهه شاعري ڏجي ٿي:

"موسمن جي مهرباني ٿِي نه هُئي،
بي مَزه زندگاني ٿِي نه هُئي.

ڪير ڇوندو تَجلو ٿيو نه هو،
ڪير ڇوندو ڪا جَواني ٿِي نه هُئي."

❊
توکي مَڃي نه جيڪو، مُلحد سو هُوندو، ڪافر،
هُوندو نه هُوندو هِن جو ڪوئي دين نه هُوندو.

هيءُ دؤر نيت مَتبو، ماڻهوءَ جو ماٺُ ٿيندو،
روشن رجب! صُبح تي هر ڪنهن يقينن هُوندو.
❊
ڏِڏُ ڏُڪويل ماڻهن لئه ۽ انسانيت سان عشق جِنين جو،
پُونءِ مٿي سي پُورل ماڻهو پانيان ٿو پڳوان هُئا.
❊
ڪٿي پاڻ جاگير طلبي مٿا!
گُلن ڪاڻ هڪڙوئي ٻارو مِلي.
❊

هاءِ! حيرت آ، اُنهيءَ مُنصب مٿان،
جو لَڏائي لامَ تان ڳيرا وَيو.
❊
ڇا ته منظر خوف جو آهي اڳيان،
هاءِ! هرڻي سامَ ۽ سامهُون هَوا.
❊
ڪو چاهه رهيو ناهي،
اُتساهه رهيو ناهي.

غدارِ وطن سان پُڻ،
ڪو ناهه رهيو ناهي.

اُهڃاڻ جيئڻ جو سو،
درياهه رهيو ناهي.
❊
سنڌ سڄي جو نقشو هو ڄَڻُ،
پوڙهو هڪڙو جُهور هليو ويو.

دوزخ دنيا ڪيئن نه بڻبي؟

محبت جو منشُور هليو ويو.
❊
دردَ جي ڪنهن دارَ تي دل ٿِي روئي،
جيتِ ڪهڙي؟ هارَ تي دل ٿِي روئي.

وارَ اَٽيا، ڏيلُ ڏُبرو، خُشڪ چَپ،
ديسَ جي هِن ٻارَ تي دل ٿِي روئي.
❊
جيت ٿئي يا هار ٿئي اڳتي هلو،
درد ڇو؟ ديوار ٿئي اڳتي هلو.

ديسَ جو ٿئي ويسُ ڳاڙهو سُرخ ۽،
سنڌ مينديءَ ڌار ٿئي اڳتي هلو.
❊
ڪارونجهر جي سُونهن رڳو ڇو؟
پُونءِ سڄي پَچ ڊاهه ۾ آهي.
❊
ڪاش! ٻُڌين ها ڪَن ڏيئي جي،
ڳالهه امن جي ڳيرن جهڙي.
❊
تو جي گهر جي آڳُر پنهنجا،
ڇَنديا آلا وار،
ڇا ته هَوا ۾ خُوشبوءِ آهي.
❊
جاڳو، جاڳايو،
مَهل نه مِلندي پوءِ وري.

منزل ناهي ڏوُر ڪا،
وِڪ وڌايو،
مَهل نه مِلندي پوءِ وري.
❊
اڄ به وارَي واءُ ۾ مون لئي مُڪائين،
پيرُون، ليار ڏنائين، تحفي ۾ تَهوار تي.
❊
موسم منهنجي ميت جيان، کُهنبو ويس ڍڪيو،
شام شفق رَئو، رڱيو ڄڻ لاڪ سان.
❊
ڪنهن ريت مِلان توسان،
ڪا راهه ملي مون کي، او ميت! مِلان توسان.
❊
وڻ تي ويٺل ڪانوَ،
نلڪي هيٺان نينگري،
مَلي ويٺي ٿانوَ.
❊
مٿان چوڏهينءَ چندُ،
ٻار سُمهاري جهول ۾،
ناريءَ جو ٿيو جندُ. ■

# امين اختر هڪ نالو، هڪ ڪردار، هڪ روايت

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي





ڪي ماڻهو ادارن ۾ نوڪري ته ڪندا آهن، پر جڻ ته اهي ادارن جو روح بڻجي ويندا آهن. جڏهن اهي ايندا آهن ته عمارتن ۾ زندگيءَ جي لهر ڊوڙڻ لڳندي آهي ۽ جڏهن اهي هليا ويندا آهن ته، در ۽ ديوارون به خالي خالي لڳنديون آهن. 31 مارچ تي پي ٽي وي ڪراچي مرڪز ۾ به هڪ اهڙي ئي گهڙي آئي. دل کي اُداس ۽ اکين کي آلو ڪرڻ واري گهڙي. اها رڳو رٽائرمينٽ نه، پر ٻائيتاليهن ورهين تي پکڙيل هڪ دور جي پڄاڻيءَ جي گهڙي هئي. پي ٽي وي ڪراچي مرڪز جو هر دل عزيز پبلڪ رليشنز آفيسر ان تاريخ تي رٽائر ٿيو. جي ها! امين اختر هڪ ڏکهي ۽ مانائتي ملازمت ڪاٽي رٽائر ٿي ويو. پر ايمانداريءَ جي ڳالهه اها آهي ته ڪي ماڻهو نوڪريءَ تان رٽائر ٿيندا آهن، دلين مان هرگز به ڪونه.

امين اختر جو نالو ٻڌندي ئي ذهن ۾ هڪ مسڪرائيندڙ چهرو، ٻاجهارو لهجو ۽ هڪ ذميوار وجود اڀري ايندو آهي. پي ٽي وي ڪراچي مرڪز جي مُکيه دروازي مان جيڪو به داخل ٿيندو هو، سو سڀ کان پهرين امين اختر کي ئي ڏسندو هيو. امين اختر رڳو آڌرڀاءُ ڪندڙ آفيسر نه هيو، پر هو اداري جو چهرو هيو. هزارين وفد، اڻ ڳڻيا مهمان، ڏيهي ۽ پرڏيهي نمائندا. سڀني جي واتان هڪ ئي ڳالهه چئي ويندي هئي ته، ”اسان کي ائين لڳو، ڄڻ اسان ڪنهن سرڪاري آفيس نه، پر پنهنجي گهر آيا هجون.“

امين صاحب مهمانن کي رڳو پروٽوڪول نه ڏيندو هيو، پر ڪين دل سان عزت ڏيندو هيو. سندس لفظن ۾ مٺاڻ هوندو هئو. لهجي ۾ خلوص ۽ انداز ۾ بيحد سادگي هوندي هئي. پاڻ هر مهمان کي ائين پليڪار ڪندو هيو، ڄڻ ساڍس ورهين جي واقفيت هجي.

ٻائيتاليهه سال ڪو ٿورو عرصو ڪونهي. اهو هڪ نسل جو سفر اهي. ان دوران ڪيترائي جنرل مئنيجر، ڊائريڪٽر ۽ پرڊيوسر آيا ويا، سوين اداڪارن، گلوڪارن ۽ ميزبانن شهرت ماڻي، پر امين اختر پنهنجي جاءِ تي ثابت قدم رهيو. هن پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي هاڪارن ماڻهن سان



مشهور اداڪاره شبانه اعظميءَ سان گڏ

ڪم ڪيو، جن ۾ ڪرنل (ر) سعيده احسان، غزالا ياسمين، نذير احمد ۽ شڪيل بابو شامل هئا. ان ڪانسواءِ هو افتخار عارف، مدبر رضوي، ممتاز مرزا، قريش پور، عبيدالله بيگ، شان الحق حقي، سليم ڪوثر، سلطانه صديقي، غلام حيدر شيخ ۽ ٻين ناليوارين شخصيتن جي گهڻو ويجهو رهيو. پاڻ سيني لاءِ پروسي جوڳو هيو. پي ٽي وي ڪراچي مرڪز تي ٿيندڙ هر مُکيه تقريب، خاص نشريات ۽ قومي ڏڻ هجن، امين اختر سدائين اڳيان هوندو هيو.

هُو وقت جو ان حد تائين پابند هيو جو ماڻهو پنهنجون گهڙيون سندس اچڻ وڃڻ سان ملائيندا هئا. صبح جو مقرر وقت تي آفيس پهچندو هيو. هر خط جو جواب هڪدم ڏيندو هيو. هر پريس رليز کي مقرر وقت تي اخبارن تائين پهچائيندو هيو. اهو سڀ سندس عادت نه، پر اصول هيو. پاڻ چوندو هيو، ”ڪم هڪ ذميداري آهي ۽ ذميداري عبادت هوندي آهي.“ اهوئي سبب آهي جو سندس چهري تي هڪ اطمينان رهندو هيو.

سنڌي، اردو ۽ انگريزي، ٽنهي ٻولين ۾ ڊرافٽنگ ۾ ايڏي ته ڪمال جي مهارت حاصل هيس جو وڏا وڏا صحافي به دنگ رهجي ويندا هئا. هڪ پريس رليز ايڏي ته زبردست نموني ٺاهيندو هيو جو خبر نه رڳو ڇپجندي هئي، پر اخبارن ۾ مُکيه جاءِ وٺندي هئي، خاص طور تي سنڌي اخبارن سان سندس ڳانڍاپو رڳو پيشي وراڻو نه هيو، اهو دل جو ڳانڍاپو هيو. هن سنڌي اخبارن ۾ هزارين خبرون شايع ڪرايون. هر سنڌي پروگرام ، هر ثقافتي تقريب جي خبر هُو پاڻ ٺاهيندو هيو. پاڻ جاري ڪندو هيو ۽ ٻئي ڏينهن جڏهن اخبارن ۾ ڇپيل خبرون ڏسندو هيو ته، سندس معصوم ٻارڙن وانگر خوش ٿيندو هيو. هو چوندو هيو ته، ”هي رڳو خبرون ناهن، پر اسان جي سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي نمائندگي آهن.“

امين اختر انسان دوستيءَ جو هڪ روشن ڏيئو هيو. وٽس ڪو ضرورتمند وڃي، ڪنهن کي آفيس ۾ ڪو ڪم ڪار هجي، رٽائرڊ ملازمن جا ڪي



مشهور اداڪاره شبنم سان گڏ

مسئلا هجن يا ڪنهن غريب ملازم جي ٻارن جي فيس جو مسئلو هجي، امين صاحب ماٽ ميٽ ۾ دل کولي ان جي مدد ڪندو هيو. نه واهه واهه ۽ نه ڪو ڏيکاءُ ويکاءُ.

پي ٽي وي ڪراچي مرڪز تي سنڌ جي مختلف شهرن يا ڏورانهن علائقن مان ڪي وفد يا فنڪار يا گلوڪار ايندا هئا ته انهن جو ميزبان امين اختر ئي هوندو هو. پاڻ کين اسٽوڊيوز گهمائيندو، پي ٽي وي جي باري ۾ تفصيلي بريفنگ ڏيندو ۽ چانهه پاڻي پيئاري پوءِ کين دعائون ڏئي ڪانئن موڪلائيندو هيو. وفدن جا ڪافي ماڻهو خط لکي چوندا هئا ته، ”اسان هڪ سرڪاري آفيسر ۾ ايڏي محبت ۽ خلوص پهريون ڀيرو ڏٺو.“

سنڌي صحافين سان سندس گهاٽي دوستي هوندي هئي. هو هر صحافيءَ جي ڪم، تجربي ۽ صلاحيتن کان سونهون هوندو هيو. جيڪڏهن ڪنهن رپورٽر کي پي ٽي وي جي باري ۾ ڪا خبر کپندي هئي ته هيءُ هڪدم ان سان سهڪار ڪندو هيو.

هڪ سينيئر آفيسر هئڻ جي باوجود سندس زندگي بيحد سادي هئي. لباس ۾ سادگي، گفتگوءَ ۾ شائستگي ۽ ورتاءَ ۾ عاجزي. هو ڪڏهن به پاڻ پڌائڻ جي ڪوشش نه ڪندو هيو. سندس ڪم ڳالهائيندو هيو. نه ڪي هُو پاڻ.

امين اختر جي رٽائرمينٽ جي صورت ۾ موڪلاڻي، سچ ته هڪ آفيسر جي موڪلاڻي ناهي، پر هڪ دور جي موڪلاڻي آهي. حقيقت ۾ امين اختر جهڙا ماڻهو رٽائر ناهن ٿيندا، پر اهي هڪ روايت بڻجي ويندا آهن. امين اختر جيڪو معيار قائم ڪيو، جيڪا پيار جي پوک پوکي ۽ جيڪو اعتماد پيدا ڪيو، سو ايندڙ نسلن لاءِ وات جي لاٽ آهي. شايد سياڻي ڀيو ڪو نئون آفيسر اچي وڃي، نئين ٽيڪنالاجي هجي، نوان طور طريقا ۽ انداز هجن، پر جيڪو خلوص، جيڪا ديانت، جيڪا وقت جي پابندي ۽ ٻولي ۽ ثقافت سان جيڪو عشق امين اختر ڏيکاريو، سو هڪ مثال بڻيل رهندو.

امين اختر جي رٽائرمينٽ رڳو هڪ سرڪاري مرحلو ناهي، پر هڪ جرڪندڙ باب جي پڄاڻي آهي، جنهن پي ٽي وي ڪراچي مرڪز جي تاريخ کي شان مانَ، وقار، ايمانداري، محبت ۽ خلوص سان سينگاري ڇڏيو. ٻائيتاليهن سالن تائين پاڻ جنهن ديانت، ذميداريءَ ۽ انسان دوستيءَ جهڙن ڳڻن سان پنهنجا فرض پورا ڪيائين، سي سدائين ياد رکيا ويندا. سندس مسڪراهٽ، مهمان نوازي ۽ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت سان بيحد محبت هڪ مثال بڻجي باقي رهندي. امين اختر پي ٽي ويءَ کان موڪلائي ته ويو آهي، پر سندس يادون ۽ خدمتون سدائين پي ٽي وي ڪراچي مرڪز جي راهدارين ۾ جيئريون رهنديون. ■

# بنگالي اديب
# شرشيندو مکوپاڌيائي

فقير محمد سنڌي



بنگالي ادب جي ناليواري تخليقڪار شرشيندو مکوپاڌيائي ڏکڻ ايشيا جي جديد ادب ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. هن پنهنجي تخليقي صلاحيتن سان بنگالي ادب کي فڪري، فني ۽ موضوعاتي لحاظ کان مالا مال ڪيو. سندس لکڻين ۾ تاريخ، سماج، انساني نفسيات ۽ تهذيبي شعور جا گهرا رنگ نظر اچن ٿا. ان ڪري کيس بنگالي ادب جي انهن اهم اديبن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو، جن ادب کي تفريح سان گڏ فڪر ۽ شعور جو ذريعو بڻايو.

شرشيندو مکوپاڌيائي 30 مارچ 1899ع تي ڀارتي شهر جئہ پور ۾ جنم ورتو. سندس خاندان اصل ۾ بنگال سان تعلق رکندڙ هو. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هن اعليٰ تعليم يونيورسٽي آف ڪلڪتہ سان لاڳاپيل ادارن مان حاصل ڪئي. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هيءُ ڪجهہ عرصو وڪالت جي شعبي سان لاڳاپيل رهيو، پر ادب سان گهري لڳاءَ هئڻ سبب هو جلد ئي مڪمل طور تخليقي دنيا ڏانهن مائل ٿي ويو. سندس ادبي سفر نوجوانيءَ ۾ شروع ٿيو.

ابتدا ۾ هن شاعري ۽ ننڍيون ڪهاڻيون لکيون، پوءِ ناول ۽ افسانہ نگاريءَ ۾ نمايان مقام حاصل ڪيائين. هن پنهنجين تخليقن ۾ سماجي زندگي، انساني رشتن ۽ نفسياتي احساسن جي باريڪين کي نهايت سادي پر اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. سندس ٻولي سادي، دلڪش ۽ فڪري گهرائي سان ڀرپور آهي.

شرشيندو مکوپاڌيائي کي خاص شهرت ان وقت ملي، جڏهن هن مشهور جاسوسي ڪردار ”بائمڪيش باڪشي“

> ابتدا ۾ هن شاعري ڪئي ۽ ننڍيون ڪهاڻيون لکيون، پوءِ ناول ۽ افسانہ نگاريءَ ۾ نمايان مقام حاصل ڪيائين. هن پنهنجين تخليقن ۾ سماجي زندگي، انساني رشتن ۽ نفسياتي احساسن جي باريڪين کي نهايت سادي پر اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. سندس ٻولي سادي، دلڪش ۽ فڪري گهرائيءَ سان ڀرپور آهي.

(Byomkesh Bakshi) تخليق ڪيو. اهو ڪردار بنگالي ادب ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪري ويو. هن ڪردار کي سچ جي ڳولا ڪندڙ هڪ ذهين جاچ ڪندڙ طور پيش ڪيو ويو، جيڪو سماج جي پيچيده مسئلن کي عقل ۽ تدبر سان سلجهائيندو آهي. ان ڪردار تي ٻڌل ڪهاڻيون پڙهندڙن ۾ وڏي دلچسپي پيدا ڪنديون رهيون.

شرشيندو مکوپاڌيائي صرف جاسوسي ادب تائين محدود نہ رهيو، پر هن تاريخي ناول پڻ لکيا، جن ۾ پنهنجي علائقي جي ماضي، تهذيب ۽ سماجي زندگيءَ جا دلڪش عڪس ڏنائين. سندس تاريخي ناولن ۾ واقعاتي ترتيب، ڪردارنگاري ۽ ماحول جي تصويرڪشي وڏي مهارت سان پيش ڪيل آهي، جنهن سبب اهي ناول پڙهندڙن کي تاريخي دور ۾ وٺي وڃن ٿا.

شرشيندو مکوپاڌيائي ڪيترين صنفن ۾ لکيو، جهڙوڪ: افسانا، ناول، جاسوسي ڪهاڻيون، تاريخي ناول ۽ ٻارن لاءِ ادب. سندس ادب ۾ تاريخي شعور، سماجي حقيقت ۽ تجسس جو عنصر نمايان آهي.

شرشيندو جا مکيا ڪتاب :

جاسوسي ادب ( سيريز) 1931ع ستيانويشي

اهو پهريون ناول آهي، جنهن ۾ Byomkesh Bakshi جو ڪردار متعارف ٿيو. ان کي هڪ ذهين جاچ ڪندڙ جي حيثيت سان کيس پيش ڪيو ويو.

1932ع ۾ هن ”پٿر ڪنتا “ڪهاڻي لکي، جنهن ۾ هڪ پراسرار قتل جي جاچ کي دلچسپ انداز ۾ پيش ڪيائين.

1932ع ۾ ”سيمانتا هيرا “ جي نالي سان ڪهاڻي لکيائين، جيڪا قيمتي هيرن جي چوري ۽ ان سان لاڳاپيل سازشن تي ٻڌل هئي.

1933ع ۾ ”مڪڙ جو رس“ جي عنوان سان جاسوسي ادب جي مشهور ڪهاڻي لکيائين، جنهن ۾ زهر ۽ سازش جو عنصر نمايان آهي.

1951ع ۾ ”چترا چور“ جي عنوان سان سندس ڪهاڻي آرٽ جي چوري ۽ ان جي جاچ تي ٻڌل آهي.

1953ع ۾ ”چڙيا خانو“ لکيائين، جنهن ۾ انساني ڪردارن کي علامتي انداز سان پيش ڪيائين.

1958ع ۾ ”امرت جي موت“ جي عنوان سان انساني لالچ ۽ ڏوهن جي نفسيات تي ڪهاڻي لکيائين.



1967ع ۾ سندس لکيل ڪهاڻي ”شجارو ڪنتا“ هڪ پراسرار قتل ۽ ان جي جاچ جي موضوع تي آهي.

1968ع ۾ ”بيني سنگهار“ جاسوسي ادب جي هڪ اهم تخليق آهي، جنهن ۾ تاريخي حوالا پڻ شامل آهن.

ان طرح 1969ع ”لوهي بسڪٽ“ ڪهاڻي لکيائين. اها سندس آخري دور جي اهم جاسوسي ڪهاڻي آهي.

تاريخي ناول

”تنگيدرا جي ڪناري، “ ”ڪال جو مندر“ ۽ ”گورملار، “ ”چويا چندن. “

شرشيندو مکوپاڌيائي جا افسانا پڻ وڏي اهميت رکن ٿا، جن ۾ ”ستي اسَتي“ ۽ ”پٿر جون اکيون“ نمايان آهن.

زندگيءَ جي هڪ مرحلي تي هن ممبئي جي فلمي دنيا سان پڻ لاڳاپو رکيو ۽ فلمن جون ڪهاڻيون لکڻ ۾ حصو ورتو. ان تجربي سندس بيان ۾ ڊرامائي رنگ پيدا ڪيو، جنهن ڪري سندس ڪهاڻين ۾ منظرنگاري ۽ واقعاتي رواني وڌيڪ اثرائتي بڻجي وئي.

شرشيندو مکوپاڌيائي 22 سيپٽمبر 1970ع تي لاڏاڻو ڪيو، پر سندس ادبي خدمتون اڄ بہ بنگالي ادب ۾ زنده آهن. سندس ناول، ڪهاڻيون ۽ جاسوسي ادب پڙهندڙن لاءِ هڪ قيمتي ادبي سرمايو آهي. بنگالي ادب جي تاريخ ۾ سندس نالو انهن تخليقڪارن ۾ شامل آهي، جن پنهنجي فڪر، فن ۽ تخليقي قوت سان ادب کي نئين حياتي عطا ڪئي. ■

# Leila's Brothers

# ايراني فلم، جيڪا انساني رشتن، ذميوارين ۽ سماجي دٻاءَ کي بيباڪي سان پيش ڪري ٿي





”ليلاز برادرز“ جديد ايراني سينيما جي اهم ۽ اثرائتي تخليقن مان هڪ آهي، جنهن جو هدايتڪار سعيد روستائي آهي. هن فلم 2022ع ۾ عالمي سطح تي وڏي مڃتا ماڻي، خاص طور تي ڪانز فلم فيسٽيول ۾ پيش ٿيڻ بعد، جتي ان کي نعام ۽ ستيزن شپ پرائز مليا. فلم لڳ ڀڳ ٽي ڪلاڪ ڊگهي آهي، تنهن ڪري فلم ۾ ڪهاڻيءَ کي پيرائتي نموني بيان ڪيو ويو آهي.

ڪهاڻي ليلا نالي هڪ چاليهن ورهين جي اڻپرڻيل عورت جي زندگيءَ بابت آهي، جيڪا پنهنجي پوڙهن والدين ۽ چئن ڀائرن جون ذميواريون نڀائي رهي آهي. سندن خاندان هڪ محنتي پر مالي طور ڪمزور طبقي سان واسطو رکي ٿو، جتي روزمره جا خرچ، بيروزگاري، قرض ۽ ملڪ جي معاشي بحران سندن زندگي کي مشڪل بڻائي ڇڏين ٿا. ايران ۾ وڌندڙ مهانگائي، پابنديون ۽ سماجي ناانصافيون ان خاندان جي حالتن کي وڌيڪ خراب ڪن ٿيون.

ليلا پنهنجي خاندان کي غربت مان ڪڍڻ لاءِ هڪ واپاري رٿا تيار ڪري ٿي، جنهن تحت هوءَ پنهنجي ڀائرن سان گڏجي نئون ڪاروبار شروع ڪرڻ چاهي ٿي. پر سندس رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ سندس پيءُ آهي، جيڪو روايتي سوچ ۽ مرداڻي بالادستيءَ جو نمائندو آهي. ان تڪرار ذريعي فلم نه رڳو هڪ خاندان جي اندروني جدوجهد ڏيکاري ٿي، پر سماج ۾ موجود پراڻين روايتن ۽ نئين سوچ جي وچ ۾ ٽڪراءَ کي به پڌرو ڪري ٿي.

اداڪاري فلم جي سڀ کان وڏي طاقت آهي. تراني عيلدوستي ليلا جي ڪردار ۾ انتهائي زبردست ڪارڪردگي ڏيکاري آهي، جتي هوءَ هڪ مضبوط پر اندروني طور ٿڪل عورت جو ڪردار نڀائي ٿي. ٻين اداڪارن جهڙوڪ نويد محمدزاده ۽ پيمان معادي پڻ پنهنجي ڪردارن ۾ گهرا جذبا ۽ حقيقت پسندي آندي آهي. ان سان ڪهاڻي وڌيڪ جاندار محسوس ٿئي ٿي.

فلم جي خاص خوبي ان جي سماجي حقيقت نگاري ۽ موضوعن جي گهرائي آهي. هدايتڪار نه رڳو گهرو اڻ بڻت کي ڏيکاري ٿو، پر معاشي نانصافي، طبقاتي فرق ۽ عورتن جي حيثيت جهڙن اهم مسئلن کي پڻ نمايان ڪري ٿو. سٺي سينماٽوگرافي ۽ مضبوط اسڪرپٽ فلم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائين ٿا.

مختصر طور هيءَ فلم سنجيده ماحول سبب ڪجهه ناظرين لاءِ ورچائيندڙ به ٿي سگهي ٿي، تنهن هوندي به، مجموعي طور تي هيءَ فلم هڪ سوچ ويچار تي مجبور ڪندڙ ۽ جذباتي تجربو پيش ڪري ٿي، جيڪا انساني رشتن، ذميوارين ۽ سماجي دٻاءَ کي بيباڪي سان پيش ڪري ٿي. ■

## روميسه خان

روميسه خان ممتاز اداڪاره، سوشل ميڊيا انفلوئنسر ۽ ڪنٽينٽ ڪريئٽر آهي، جنهن ڊجيٽل اسٽارڊم مان ٽي وي ۽ فلم واري مڪيه ڌارا ۾ پير پاتو آهي. 18 سيپٽمبر 2000 تي ڪراچيءَ ۾ ڄاول روميسه جو والد مرحيات تنوير احمد خان پڻ مشهور ڪاميڊين، اسٽيج فنڪار ۽ ليڪڪ هو، جيڪو ٽيليويزن تي اسٽينڊاپ ڪاميڊين طور پڻ مشهور رهيو.

روميسه خان ڪراچيءَ ۾ وڏي ويجهي، ڪراچي ۾ ئي تعليم پرايائين ۽ اڳيان هلي اعليٰ تعليم لاءِ اقراء يورنيورسٽي ۾ داخلا ورتائين. سندس والد جو فن سندس صلاحيتن کي اجارڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو. هن ٽڪ ٽاڪ ۽ يو ٽيوب جهڙن پليٽ فارمس تي مزيدار، دلچسپ ۽ هلڪو ڦلڪو ڪاميڊي مواد شيئر ڪري وڏي انداز ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. سندس اتساهيندڙ شخصيت ۽ عام ماڻهن سان هري مري وڃڻ واري انداز سگهو ئي سندس لکين فالوئرس کي هرڪائي ورتو، جنهنڪري هوءَ سوشل ميڊيا سينسشن بڻجي وئي. انسٽاگرام ۽ ٽڪ ٽاڪ اڪائونٽس تي سندس لکين فالوئر آهن.

روميسه خان اداڪاري جو آغاز 2020 کان ٽيليوزن ڊرامي ”ماسٽرس“ سان ڪيو، جنهن ۾ هن هڪ سادڙي، حساس ۽ اپرندڙ نوجوان عورت جو ڪردار ادا ڪيو. سندس فطري اداڪاري سبب ناظرين جو هن ڏانهن ڌيان ويو. ان ريت ڪيس پاڻ ملهائڻ جو جوڳو موقعو مليو، جنهن کان پوءِ هوءَ ٻين به ڪيترن ئي ڊرامن ۽ سيريلز ۾ نظر آئي، جن ۾ ”ميري دلي والي گرل فرينڊ،“ ”پرستان،“ ”نور،“ ”حادثه“ ۽ ”چاندتارا“ شامل آهن. 2023 ۾ هن فلم ”جان“ وسيلي فلمي دنيا ۾ به پاڻ ملهايو ۽ سال جي بهترين فلمي اداڪاره وارو لڪس اسٽائل ايوارڊ ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي.



تازو هن هڪ نجي ٽي وي جي خاص ڊرامي ”ديک ذرا پيار سي“ ۾ يمنيٰ زيدي ۽ حمزه سهيل سان معاون اداڪاره طور ڪم ڪيو ۽ پنهنجي بهترين صلاحيتن جو جوڳو مظاهري ڪيائين. جڏهن ته هوءَ ڊجيٽل مواد جي تخليق پڻ جاري رکندي پئي اچي.

هن پنهنجي سانوري رنگ جي حوالي سان مشڪلاتن ۽ تعصب بابت آواز اٿاريو آهي، خاص ڪري رنگ پرستي ۽ باڊي شيمنگ جي خلاف اثرائتيون ڪوششون ڪيون آهن. هيءَ رنگ روپ بدران صلاحيتن جي آڌار تي پاڻ موڪائڻ جي اهميت تي زور ڀري ٿي. روميسه خان پنهنجي فطري انداز، مزاحيه اداڪاري ۽ سوشل ميڊيا توڙي روايتي اداڪاري سبب سڃاڻجي ۽ ساراهجي رهي آهي. هيءَ پنهنجي پيڻ فضا سان گڏجي ڊجيٽل تخليقن جي ذريعي به پاڻ ملهائي ۽ موڪائي رهي آهي. ■